روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | جمع 23 ڊسمبر 2022 ع بمطابق 27 جمادي الاول 1444ھ | شمارو 70 | قيمت10 رپيا

افغانستان کي ڀڏائي ڇڏيو آهي ته ٽي ٽي پي پاڪستان لاءِ ريڊ لائين آهي: بلاول ڀٽو زرداري

جيڪڏهن ثابت ٿي وڃي ته افغان طالبان ٽي ٽي پي کي نه روڪي رهيا آهن ته ان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي: بلاول ڀٽو زرداري

ٽي ٽي پي کي نه روڪيو ويو ته اسان جا لاڳاپا سٺا نه ٿيندا، جيڪڏهن افغان طالبان شدت پسندن خلاف ڪارروايون ڪندا ته اسان جا لاڳاپا بهتر نه هوندا

جيڪڏهن ضرورت هجي ته آئون مدد فراهم ڪندس، آمريڪا سان دهشتگردي خلاف سهڪار جو ڪو به نئون معاهدو ناهي ڪيو ويو

افغانستان جا فنڊ طالبان لاءِ نه پر افغان عوام لاءِ آهن، پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ آمريڪا سان سهڪار جو واعدو ڪيو آهي

آمريڪا ۾ سفارتخاني جي ملڪيت واري عمارت کي وڪڻڻ گهرجي، عمارت جي حالت خراب آهي، ٽيڪس ۽ ٻيا خرچ وڌيڪ هجن

مان هوٽل وڪرو ڪرڻ جي حق ۾ نه آهيان، چونڊون وقت تي ٿينديون، ان ڪري عمران خان چاهي ٿو ته جلد چونڊون ٿين ته جيئن ڊانڊلي ٿي سگهي

واشنگٽن (م ر) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان لاءِ ريڊ لائين آهي، جيڪڏهن ثابت ٿي وڃي ته افغان طالبان ٽي ٽي پي کي نه روڪي رهيا آهن ته ان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هن افغان طالبان کي چيو آهي ته ٽي ٽي پي کي نه روڪيو ويو ته اسان جا لاڳاپا سٺا نه ٿيندا، جيڪڏهن افغان طالبان شدت پسندن خلاف ڪارروايون ڪندا ته اسان جا لاڳاپا بهتر نه هوندا. جيڪڏهن ضرورت هجي ته آئون مدد فراهم ڪندس. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته آمريڪا سان دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

واشنگٽن: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري آمريڪي سينيٽر گيري پيٽرس سان ملاقات ڪندي

رياست جي عملداري هر قيمت تي قائم ڪئي ويندي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته رياست جي عملداري هر قيمت تي قائم ڪئي ويندي … /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

دهشتگردن خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن کي تيز ڪيو وڃي: سيد مراد علي شاهه

منظم حڪمت عملي ذريعي شهر مان اسٽريٽ ڪرمنلز جي خاتمي کي يقيني بڻايو وڃي، دهشتگرد تنظيمون ۽ اسٽريٽ ڪرمنل ٻه وڏا خطرا آهن

پابندي مڙهيل تنظيمون مستقل خطرو آهن تنهنڪري انهن خلاف موثر ۽ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن شروع ڪيو وڃي: سيد مراد علي شاهه

اسٽريٽ ڪرمنلز ڪراچي جي شهرين ۾ خوف ۽ وگوڙ پيدا ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو تعداد گهٽ ناهي جو انهن جو تعداد ايترو به نه آهي جو ڪٽي انهن کي ختم نٿو ڪري سگهجي

آئون چاهيان ٿو ته پوليس ۽ رينجرز انهن (اسٽريٽ ڪرمنلز) خلاف آپريشن شروع ڪرڻ جو پلان تيار ڪن ۽ انهن هنڌن تي فورسز جي مقرري کي يقيني بڻائين جتي واقعا وڌيڪ آهن

صوبي ۾ پابندي مڙهيل تنظيمون ايتريون مضبوط ناهن پر انهن جي حرڪتن تي ڪڙي نظر رکي ويندي، اسٽريٽ ڪرمنلز رڳو ڊسمبر جي مهيني ۾ 7 ماڻهن کي قتل ڪيو

اهو قبول جوڳو نه آهي ۽ حڪومت لاءِ چيلنج آهي تنهنڪري آئون چاهيان ٿو ته پوليس ۽ رينجرز گڏجي ڪم ڪن ته جيئن ان خوف کي ختم ڪيو وڃي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه امن امان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هدايتون ڏنيون ته دهشتگردن خلاف ٽارگيٽڊ آپريشن کي تيز ڪيو وڃي ۽ منظم حڪمت عملي ذريعي شهر مان اسٽريٽ ڪرمنلز جي خاتمي کي يقيني بڻايو وڃي. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت، ڊي جي رينجرز ميجر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ جو وڏي وزير سيد مراد علي شاهه امن امان بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

حڪومتي قانوني ٽيم گورنر کي پنجاب جي وڏي وزير کي عهدي تان هٽائڻ کان روڪي ڇڏيو

گورنر طرفان پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي کي ڊي نوٽيفاءِ نه ڪرڻ جا سبب سامهون اچي ويا آهن

پي ڊي ايم کي پنجاب جي وڏي وزير پرويزالاهي کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ ۾ سخت پريشانيون پيش اچي رهيون آهن

لاهور (م ر) پي ڊي ايم ليگل ٽيم پنجاب جي گورنر بليغ الرحمان کي پنجاب جي وڏي وزير پرويزالاهي کي عهدي تان هٽائڻ کان روڪي ڇڏيو ذريعن موجب گورنر طرفان پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي کي ڊي نوٽيفاءِ نه ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جلد چونڊون نه ٿيون ته ملڪ هٿن مان نڪري ويندو: عمران خان

مون 70 سالن ۾ قوم کي اونداهين ۾ ويندي نه ڏٺو، اسان جو ملڪ ڏهڻ ۾ ڦاسي پيو آهي، اسان جي ٻن صوبن ۾ حڪومت آهي

جڏهن اسان جي حڪومت ڪيرائي وئي، تڏهن ترقي جي شرح سڀ کان وڌيڪ هئي، پي ٽي آءِ حڪومت کي هڪ شخص ڪيرايو

مان سڀني ادارن، اسٽيبلشمينٽ، عدليه سان مخاطب آهيان، هي اسان سڀني جي گڏيل جنگ آهي، ها هِن جنگ ۾ اُهي ماڻهو شريڪ ناهن

لاهور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف گورنر هائوس پنجاب آڏو احتجاج ڪيو. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان مظاهرين کي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪيو پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو ته مون 70 سالن ۾ قوم کي اونداهين ۾ ويندي نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سپريم ڪورٽ جو علي گوهر مهر ۽ راجا مهر خلاف اغوا جو ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (م ر) سپريم ڪورٽ گهوٽڪي ۾ وڪيل جي پائيٽي جي اغوا جي الزام هيٺ سردار علي گوهر مهر ۽ علي نواز عرف راجا خان مهر سميت 10 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ سيد قمبرعلي شاهه ڪاظمي جي درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ عمران خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

وفاقي ۽ سنڌ حڪومتن وچ ۾ توانائي جي بجٽ بابت اپائن تي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ وٺڻ تي اتفاق

خواجه آصف پنهنجي ٽيم سان گڏ پيٽروليم امپورٽ بلن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ توانائي بچت بابت روڊ ميپ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ريڪوڊڪ ۽ ٻيا منصوبا بلوچستان کي خوشحال بڻائي سگهن ٿا: صدر

/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جنرل (ر) باجوه جي ٽيڪس ڊيٽا ليڪ ٿيڻ جو معاملو، 3 جوابدارن رمانڊ منظور

شهزاد نياز، ارشد علي ۽ عديل اشرف کي اسپيشل مجسٽريٽ عمر شبير جي روبرو پيش ڪيو ويو

جوابدار شهزاد نياز ٻين ٻن شريڪ جوابدارن کي پئسن عيوض رڪارڊ وڪرو ڪيو: جاچ آفيسر

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي مقامي عدالت ۾ فيڊرل بورڊ آف ريوينيو (ايف بي آر) کان اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوه جي مبينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

طالبان نياڻين کي تعليم حاصل ڪرڻ کان نٿا روڪي سگهن: ملالا

طالبان افغانستان ۾ پهريان تمام تعليمي ادارا بند ڪري ڇڏيا پوءِ به نياڻين جي ذهن کي بند نٿا ڪري سگهن

طالبان پاران نياڻين جي اعليٰ تعليم تي پابندي خلاف افغانستان ۾ احتجاج پڻ ٿي رهيا آهن

لنڊن (م ر) نوبل انعام ماڻيندڙ ملالا يوسف زئي جو چوڻ آهي ته طالبان يونيورسٽين جا دروازا بند ڪري نياڻين کي تعليم حاصل ڪرڻ کان نٿا روڪي سگهن. طالبان پاران نياڻين جي اعليٰ تعليم تي پابندي خلاف ملالا يوسف زئي هڪ ٽوئيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

راولپنڊي: وزيراعظم محمد شهباز شريف سي ٽي ڊي بنون آپريشن جي زخمي نوجوان جي عيادت ڪندي

پشاور (م ر) سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا کي وسيلن ۽ سينيئر آفيسرن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن، سي ٽي ڊي ڪاٽي ۾ وسيلن جي کوٽ ۽ ضرورتن بابت رپورٽ صوبائي حڪومت ڏانهن اماڻي ڇڏي اهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا هيڊ ڪوارٽر لاءِ ڌار عمارت نه آهي، مردان ڪانسواءِ سي ٽي ڊي جي ريجنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: وزيراعظم جي صلاحڪار قمر زمان ڪائره سان صوماليه جو وفد ملاقات ڪندي

پنجاب اسمبلي نٽي ٿي سگهي، معاملو جنوري تائين ويندو: اسپيڪر

بي اعتمادي رٽ پيش ٿي چڪي آهي، اجا ان جا نوٽس جاري ٿيندا، اهو معاملو جنوري جي پهرين هفتي تائين ويندو

وڏي وزير کي بچائڻ سندس ڪم ناهي، حڪومت ڇاڻي ۽ سندس ڪم ڇاڻي، هوان ايوان جو ڪسٽوڊين آهي: سبطين خان

گورنر غيرقانوني آرڊر پاس نه ڪري، گورنر آئيني اداري جي نمائندگي ڪري رهيو آهي ته اسپيڪر به آئيني اداري جي نمائندگي ڪري رهيو آهي

لاهور (م ر) پنجاب اسمبلي جي اسپيڪر سبطين خان جو چوڻ آهي ته سياڻي پنجاب اسمبلي ٽٽي ٿي نٽي سگهي، بي اعتمادي رٽ پيش ٿي چڪي آهي، اجا ان جا نوٽس جاري ٿيندا، اهو معاملو جنوري جي پهرين هفتي تائين ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آئيني طور تي پرويزالاهي اعتماد جو ووٽ نه وٺڻ سبب وڏو وزير نه رهيو آهي: راڻا ثناءالله

پنجاب جي گورنر وڏي وزير کي ڪالهه تائين اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو چيو هو پر هن ڪالهه اعتماد جو ووٽ نه ورتو: وفاقي گهرو وزير

آئين تحت پرويزالاهي هاڻ پنجاب جو وڏو وزير نه رهيو آهي، پنجاب جي گورنر طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ صرف رسمي ڪارروائي آهي

پنجاب جو گورنر آئين تحت پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪري رهيو آهي، جيئن ئي پنجاب جو گورنر آرڊر جاري ڪندو ان تي عمل ڪرائينداسين

لاهور (م ر) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته چوڌري پرويز الاهي ڪالهه آئيني طور تي اعتماد جو ووٽ نه ورتو جنهن ڪان پوءِ هاڻ هو پنجاب جو وڏو وزير نه رهيو آهي. لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پرڏيهي وزير جي خرچن بابت عمران خان جو بيان بي بنياد ۽ هٽ ڌوڪيو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

عمران نيازي عادي ڪوڙو آهي، نيازي هميشه بنا ڪنهن ثبوت جي مخالفن تي الزام لڳائيندو رهي ٿو

عمران ڪوڙن ۽ هٽ ڌوڪين انگن اکرن جا ثبوت سامهون آڻي يا معافي وٺي: ٽوئٽر تي جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئٽر تي پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته عمران نيازي عادي ڪوڙو آهي. هن چيو ته نيازي هميشه بنا ڪنهن ثبوت جي مخالفن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مونس الاهي سميت ٻين جي پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي لاڳو وفاقي ٽئڪس خلاف درخواستون رد ڪري ڇڏيون

30 ڄڻن وفاقي حڪومت طرفان پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي ٽئڪس لڳائڻ خلاف هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو: درخواستگذارن جو موقف

وفاقي سرڪار کي پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين جي اثاثن ۽ ملڪيتن تي ٽئڪس اوڳاڙڻ جو اختيار نه آهي، عدالت ٽئڪس لاڳو ڪرڻ واري نظام کي درست قرار ڏئي ڇڏيو

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ مسلم ليگ ق جي اڳواڻ مونس الاهي سميت ٻين جي پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي لاڳو وفاقي ٽئڪس خلاف درخواستون رد ڪري ڇڏيون. 30 ڄڻن وفاقي حڪومت طرفان پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي ٽئڪس لڳائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اعظم سواتي ٽوئيٽر اڪائونٽ تان رياستي ادارن خلاف مهم هلائي: عدالت

تڪراري ٽويٽ ڪيس ۾ گرفتار اعظم سواتي کي وڌ کان وڌ عمر قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي

اسپيشل سينٽرل جج اعظم سواتي جي ضمانت رد ٿيڻ بابت تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ر) تڪراري ٽويٽ ڪيس ۾ گرفتار اعظم سواتي کي وڌ کان وڌ عمر قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي، اسپيشل سينٽرل جج اسلام آباد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عدالت ۾ پيش ٿيندي 4 سال ٿي ويا آهن جيڪو ٿيو اهو سڀني جي سامهون آهي: آغا سراج دراني

اجا به ڌڪي رهيا آهيون، آصف زرداري سميت مون کي بس جي ڦرڪڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

عدالت ۾ آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ٺاهڻ واري ريفرنس ڪيس ۾ آغا سراج دراني سميت ٻيا پيش ٿيا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) احتساب عدالت جي ٻاهران ميڊيا سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي صوبائي اسمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پرڏيهه ۾ ملڪيتون ۽ اثاثا رکڻ وارن لاءِ بري خبر، عدالت وڏو قدم کڻي ورتو

مونس الاهي سميت ٻين جي پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي لاڳو وفاقي ٽئڪس خلاف درخواستون رد ڪري ڇڏيون

30 ڄڻن وفاقي حڪومت طرفان پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي ٽئڪس لڳائڻ خلاف هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو

لاهور (م ر) لاهور هاءِ ڪورٽ مسلم ليگ ق جي اڳواڻ مونس الاهي سميت ٻين جي پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي لاڳو وفاقي ٽئڪس خلاف درخواستون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر پي ٽي آءِ ميمبرن کي استعيفائن جي تصديق لاءِ ٻيهر طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو

اسلام آباد (م ر) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف پي ٽي آءِ اسيمبلي ميمبرن کي استعيفائن جي تصديق لاءِ ٻيهر طلب ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. رپورٽ موجب تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي پي ٽي آءِ اسيمبلي ميمبرن جي استعيفائن جي منظوري جي حوالي سان قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي خط لکيو هو ۽ استعيفائن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: وفاقي وزير ساجد توري اسڪيم جو افتتاح ڪندي

پنجاب اسيمبلي ۾ پي ٽي آءِ جا انگ مڪمل ناهن: فواد چوڌري

پي ٽي آءِ جا 54 ايم پي ايز عمري تي ويا آهن، هڪ ايم پي اي پنهنجي پٽ جي ڪيموٿراپي لاءِ ويو آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

اجلاس لاءِ وڌيڪ وقت ڏنو وڃي ته جيئن ايم پي ايز واپس اچن، پنجاب جي وڏي وزير خلاف بي اعتمادي رٽ ناڪام ٿيندي

پرويز الاهي پنجاب جو وڏو وزير رهندو، گورنر راڄ نه لڳايو ويندو، پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جون اسيمبليون گڏ ٽوڙي وينديون

لاهور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان پنجاب اسيمبلي ۾ انگ مڪمل نه ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي، اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد مقامي حڪومت ترميمي بل اڪثريت راءِ سان منظور

بل تحت اسلام آباد جي مقاني چونڊن ۾ يونين ڪائونسلز جو انگ 125 ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م ر) قومي اسيمبلي، اسلام آباد مقامي حڪومت ترميمي بل 2022 ع اڪثريت راءِ سان منظور ڪري ورتو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهباز گِل طرفان غيرسنجيدا رويي جو مظاهرو ڪيو ويو آهي: راجا رضوان عباسي

شهباز گِل جي حاضري کان ڇوٽ واري درخاست نه پر عدالت سان مذاق ڪيو پيو وڃي، غير حاضري تي شهباز گِل جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا وڃن: اسپيشل پراسيڪيوٽر

جسماني رمانڊ دوران سندس اصيل جو طبي معائنو ڪيو ويو، طبي معائني ۾ شهباز گِل جي بيماري جي تصديق ٿي: وڪيل شهريار طارق

ٽرائل ۾ دير لاءِ شهباز گِل جي بيماري جي ڳالهه نه ٻڌي ڪئي وڃي، شهباز گِل کي هڪ کان وڌيڪ صحت جا مسئلا آهن: ذريعا

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي مقامي ادارن ۽ سندن سربراهن خلاف بغاوت تي ڀڙڪائڻ واري ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شهباز گِل جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري جاري ڪري ڇڏيا. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اٽو مهانگي اگهه تي وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: مڪيش ڪمار چاولا

حيدرآباد سميت پوري سنڌ ۾ سستي اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جنرل اسٽورن تي به سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي

سنڌ حڪومت عوام کي سستو اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي، مهانگو اٽو وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

سنڌ حڪومت صوبي جي عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ مرڪز قائم ڪيا آهن وڌ کان وڌ ماڻهوان سهولت مان فائدو وٺي سگهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): خوراڪ واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا حيدرآباد ۾ اٽي جي مهانگي اگهه تي وڪرو ٿيڻ واري خبر جو نوٽيس وٺندي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد کي هدايت ڪئي آهي ته اٽو مهانگي اگهه تي وڪرو ڪندڙن خلاف سخت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سکر: پاڪستان سني تحريڪ صوبائي اڳواڻ علامه نور احمد قاسمي جي قيادت ۾ وفد پ پ جو سينيئر سيد خورشيد احمد شاهه سان ملاقات ڪندي

چيلارام ڪيولاڻي جي اڳواڻي ۾ واپار واري وفاقي وزارت جي آفيسرن سان ملاقات

ملاقات ۾ واپار واري وزارت جو وفاقي سيڪريٽري محمد صالح احمد فاروقي، واپار واري وزارت جو ڊي جي ايگرو پراڊڪٽس ۽ ٻيا لاڳاپيل نمائندا موجود هئا

وفد ۾ ريپ جو اڳوڻو چيئرمين ميان صبيح الرحمان، سينيئر وائيس چيئرمين ريپ حسيب علي خان، ميمبر ايم سي ريپ فواد حامد غريب ۽ چوڌري نثار شامل هئا

چانورن جي ڪاروبار کي به صنعت جو درجو ڏنو وڃي ڇاڪاڻ ته چانورن جو ڪاروبار پاڪستان جي معاشي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو اسان جو مشن پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) رائيس ايڪسپورٽرز ايسوسيئشن پاڪستان جي وفد جي چيئرمين چيلارام ڪيولاڻي جي اڳواڻي ۾ واپار واري وفاقي وزارت جي آفيسرن سان ملاقات ملاقات ۾ واپار واري وزارت جو وفاقي سيڪريٽري محمد صالح احمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: رائيس ايڪسپورٽرز ايسوسيئشن پاڪستان جي وفد جي چيئرمين چيلارام ڪيولاڻي جي اڳواڻي ۾ ٿيل اجلاس ٿي رهيو آهي

بلاول ڀٽو جي گرفتاري جون خبرون ڪوڙيون ۽ بي بنياد آهن: پرڏيهي ترجمان

بلاول ڀٽو زرداري جي گرفتاري جون خبرون ڪوڙيون ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهن، گرفتاري جي سوال تي ڪنهن سنجيده صحافي کان اهڙي اميد نه هئي

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري 6 مهينن دوران 16 ملڪن جا دورا ڪيا افغانستان ۾ عورتن جي تعليم تي پابندي قبول ڪرڻ جوڳي نه آهي: ممتاز زهره بلوچ

ڀارت ڪافي وقت کان ڪشميرين کي ظلم جو نشانو بڻائي رهيو آهي ڪشميرين کي پنهنجا حق ڏيڻ کان سواءِ امن قائم نٿو ٿي سگهي

اسلام آباد (م ر) پرڏيهي ترجمان ممتاز زهره بلوچ چيو آهي ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي گرفتاري جون خبرون ڪوڙيون ۽ بي بنياد آهن. هفتيوار بريفنگ ۾ پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي گرفتاري جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: پرڏيهي ترجمان ممتاز زهره بلوچ پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ تيزي سان اضافو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ تيزي سان واڌ جو سلسلو جاري آهي ۽ اڄ به هڪ تولو سون جي قيمت ۾ 1850 رپين جو اضافو ٿي ويو آهي هڪ تولو سون جو اگهه 1850 رپيا واڌ سان 1 لک 80 هزار 650 رپيا جڏهن ته 10 گرام سون جو اگهه 1586 رپيا واڌ سان 1 لک 54 هزار 878 رپيا ٿي ويو آهي عالمي منڊي ۾ سون جو اگهه 7 ڊالر وڌي 1815 ڊالر ٿي ويو. ڇهن ڏينهن دوران ملڪ ۾ سون جي في تولو قيمت ۾ 7950 رپين جو اضافو ٿيو آهي.

اسلام آباد مقامي حڪومت ترميمي بل اڪثريت راءِ سان منظور

بل تحت اسلام آباد جي مقاني چونڊن ۾ يونين ڪائونسلز جو انگ 125 ڪيو ويو آهي

اسلام آباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ سڌي ريت ٿيندي: بل جي متن

اسلام آباد (م ر) قومي اسيمبلي، اسلام آباد مقامي حڪومت ترميمي بل 2022 ع اڪثريت راءِ سان منظور ڪري ورتو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ جي وحدانيت خلاف سازشون تيز ٿي ويون آهن: صنعان قريشي

سنڌ جي وحدانيت خلاف سازش ڪندڙ ڪرپٽ حڪمران ٽولو سرگرم آهي

سنڌ ۾ بحريا ٽائون جهڙا منصوبا، تيزي سان ڌارين جي آبادي ڪرڻ آهي

حيدرآباد (رپورٽر) جسقم مرڪزي انفارميشن سيڪريٽري ديدار شاهه مرڪزي پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عورت جج کي ڌمڪين واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان عدالت طلب

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي عدالت عورت جج کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي طلب ڪري ورتو. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت عورت جج کي ڌمڪيون ڏيڻ واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي 18 جنوري تي طلب ڪيو آهي جنهن جي لاءِ سينيئر سول جج راجا مجاهد اڳوڻي وزيراعظم کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نوشهرو فيروز نيشنل هاءِ وي تي ڦورن پاران ڦر دوران آئل ٽينڪر تي فائرنگ، هڪ زخمي

درس ٽاڻي جي حد ۾ چوٽون ميل نيشنل هاءِ وي تي ڦورون پاران ڦر دوران آئل ٽينڪر تي فائرنگ

گولي لڳڻ سبب آئل ٽينڪر ڊرائيور 20 سالن جو نوجوان شعيب الدين ولد مشتاق احمد مغل زخمي ٿيو

زخمي کي سيني ۾ گولي ڦاٿل هجڻ جي ڪري نازڪ حالت ۾ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهرو فيروز نيشنل هاءِ وي تي ڦورن پاران ڦر دوران آئل ٽينڪر تي فائرنگ ڪري ڏني گولي لڳڻ سبب آئل ٽينڪر ڊرائيور زخمي ٿي پيو جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو درس ٽاڻي جي حد ۾ چوٽون ميل نيشنل هاءِ وي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو: پٽي ڪالوني جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي جي رهواسي لاشاري برادري پاران احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي قريشي ڳوٺ واري علائقي جي رهواسي لاشاري برادري جي عورتن طرفان سکر پريس ڪلب ٻاهران ٻاڙين ۽ پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مظاهري جي اڳواڻي مسمات خشبو لاشاري، مسمات مختياران، مائي نورين ۽ ٻيون ڪري رهيون هيون. مظاهرو ڪندڙ عورتن جو چوڻ ته گڏريل ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو پٽي ڪالوني جي عورتن پاران ٻاڙين جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

مسمات عائشه پنهنجي ڌيئرن جميلا، شازيه، آمينه پٽ عرفان پلهه سميت احتجاج ڪيو

عامر لغاري، افضل لغاري بنا جواز گهر ۾ داخل ٿي پٽ عرفان تي تشدد ڪري زخمي ڪيو: الزام

دادو (ن سنڌيار) دادو پٽي ڪالوني جي عورتن مسمات عائشه پنهنجي ڌيئرن جميلا، شازيه، آمينه پٽ عرفان پلهه سميت دادو پريس ڪلب آڏو پاڪ ڪلاڪ ڪٺي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو. مظاهرين روئيندي صحافين آڏو ڏانهيو ته پٽ عرفان پلهه ڪلثوم ڌي نورمحمد لغاري سان شادي ڪئي آهي، رات پٽ جي سالن زمان لغاري، عامر لغاري، افضل لغاري بنا جواز گهر ۾ داخل ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد پاران پي آءِ بي ميٽرنٽي هوم اسپتال جو جائزو

اسپتال جي حالت بهتر بڻائڻ جون هدايتون ڊي ايم سي اوير جا طبي مرڪز فعال رکيا وڃن: شڪيل احمد

علائقي جي عوام کي سستي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سرڪاري ميڊيڪل سينٽرز کي فعال بڻايو ويندو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر امتياز پٺو، جمال عباس، چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر زرتاش پروين ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد پي آءِ بي ميٽرنٽي هوم اسپتال جو معائنو ڪيو انسپيڪشن دوران اسپتال جي حالت بهتر بڻائڻ جون هدايتون ڊي ايم سي اوير جا طبي مرڪز فعال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي: ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ سيد شڪيل احمد، ميٽرنٽي هوم اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪڪڙ ۾ بدامني خلاف احتجاج ڪندڙن ڳوٺاڻن کي مهانگو پئجي ويو، ڪيس داخل

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ ۾ بدامني خلاف احتجاج ڪندڙن ڳوٺاڻن کي مهانگو پئجي ويو خبر مرجب بدامني خلاف ڳوٺ پائي خان ملاح جي رهواسين پاران هنيل ڌرڻي جي واقعي جو ڪڪڙ پوليس سرڪار طرفان 10 ڄاڻل ۽ 15 کان وڌيڪ اڻ سڃاتل سميت 30 کان وڌيڪ جوابدارن مٿان روڊ بلاڪ ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بينظير ڀٽو جي ورسي عقيدت ۽ احترام سان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ملهائي ويندي: اڳواڻ

ورسي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ هڪ وڏي ۽ عاليشان جلسي جون تياريون زور شور سان جاري

ارشد علي شاهه راشدي، جنرل سيڪريٽري محمد انور ٻرڙو، انفارميشن سيڪريٽري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

بلاول ڀٽو زرداري سيلاب جي صورتحال جي حوالي سان بهتر ڪم ڪري ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪيا

نئون ديرو (رپورٽ:شاهه محمود ڀٽو) ٻهرين خاتون وزيراعظم پاڪستان دختر مشرق شهيد راڻي محترمه بي نظير ڀٽو صاحبه جي 15 هين ورسي 27 ڊسمبر تي پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ملهائي ويندي پوري پاڪستان مان عوام جو سمنڊ ٻهچندو، ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال جي حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽي محترمه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي ڪورنگي جي صنعتي ادارن ۾ سنڌي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج

ڪراچي جي ڊپٽي آرگنائيزر حيات ٽنيو جي اڳواڻي ۾ شبير چانڊيو، سعيد لڪڻ احتجاج ڪيو

حفيظ ڏيوڙو ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي محمد علي زيدي سان ملاقات ڪري لکت ۾ شڪايت ڪئي

سنڌي ماڻهن کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي جيڪا سنڌي ماڻهن سان زيادتي آهي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ڪورنگي جي صنعتي ادارن ۾ سنڌي ماڻهن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ سنڌ ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم نه ڪرائڻ واري عمل خلاف ترقي پسند پارٽي ڪراچي جي ڊپٽي آرگنائيزر حيات ٽنيو جي اڳواڻي ۾ شبير چانڊيو، سعيد لڪڻ ۽ حفيظ ڏيوڙو جي ڊپٽي ڪمشنر ڪورنگي محمد علي زيدي سان ملاقات ڪري لکت ۾ شڪايت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ڊي سي سان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر جي تعليمي ادارن ۾ ٻين ضلعن جي ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو: مولانا شهزادو ڊريهو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي سماجي اڳواڻ مولانا شهزادو ڊريهو ايڊووڪيٽ پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته سکر جي تعليمي ادارن ۾ استادن جي ڪيل ڀرتي ۾ ٻين صوبن ۽ ٻين ضلعن جي ماڻهن کي به بغير انڪوائري ۽ چنڊ چاڙهي جي ڀرتي ڪيو آهي، ۽ اهڙو معامرو ريڪارڊ تي هجڻ باوجود اعلا اختياريون خاموش تماشائي بڻيل آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ جي هدايتن تي اي سي پاران ڪارروايون

فوڊ جي شين جا وڌيڪ اگهه وٺڻ جي شڪايت تي ڪارروائي ڪندي دڪاندارن خلاف ڪارروايون

سرڪاري ريٽ لسٽ تي عمل نه ڪندڙ منافعي خور دڪاندارن کي معاف نه ڪيو ويندو: اي سي حسن ظفر

عمران علي ميمڻ، پرائس ڪنٽرول انچارج فهيم ملڪ اعجاز احمد ڪورائي، محرم زرداري، ساٿس گڏ هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسن ظفر شهر ۾ دڪاندارن ڪان پاڻ، پاڇين ۽ فاسٽ فوڊ جي شين جا وڌيڪ اگهه وٺڻ جي شڪايت تي ڪارروائي ڪندي دڪاندارن کي ڏنڊ وڌو، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر حسن ظفر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سرڪاري ريٽ لسٽ تي عمل نه ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

اسلام ڪوٽ شهر جي ڪولهي پاڙي جي باهه متاثرين خاندانن ۾ سامان تقسيم

خاندانن ۾ الخدمت فائونڊيشن ٿرپارڪر پاران گرم بسترا ۽ ڪمبل تقسيم ڪيا ويا

حافظ عبدالغني بجير پاران ڪولهي پاڙي جي باهه متاثرين ۾ گرم بسترا ۽ ڪمبل ورهايا

ڪمبل ورهايا آهن ته جيئن سردي جي موسم دوران انهن جون مشڪلاتون گهٽائي سگهجن: اڳواڻ

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ شهر جي ڪولهي پاڙي جي باهه متاثرين خاندانن ۾ الخدمت فائونڊيشن ٿرپارڪر پاران گرم بسترا ۽ ڪمبل تقسيم ڪيا ويا، انهي سلسلي ۾ جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي امير مير محمد بليدي ۽ الخدمت ٿرپارڪر جي صدر حافظ عبدالغني بجير پاران ڪولهي پاڙي جي باهه متاثرين ۾ گرم بسترا ۽ ڪمبل ورهايا، انهي موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

اسلام ڪوٽ: شهر جي ڪولهي پاڙي جي باهه متاثرين خاندانن ۾ سامان تقسيم ڪيو ويو

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ذريعي ٽيسٽ ڏيندڙ پي ايس ٽي جي اميدوارن طرفان احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ذريعي ٽيسٽ ڏيندڙ پي ايس ٽي جي اميدوارن طرفان آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ سيد ظفر شاهه، نديم ساگر ميمڻ، حسنين علي چانڊيو، آصف سانگي، نويد سومرو، علي محمد ڪلهوڙو ۽ ٻين صحافين آڏو ڏانهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين ۾ راڻي بينظير ڀٽو جي پندرهين ورسي ۾ شرڪت لاءِ اجلاس منعقد

پ پ ايم پي اي مير الله بخش خان ٽالپر جي راڄوخاڻي واري رهائش گاهه تي اجلاس ٿيو

يوسيز جي عهديدارن، ورڪرن، ليڊيز ونگ، يوٿ ونگ، جيالين جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٽلهار سميت پوري ضلعي بدين مان هزارين ورڪر، جيالا، جياليون ورسي ۾ شريڪ ٿينديون: الله بخش خان

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) 27 ڊسمبر تي ڳڙهي خدابخش ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي پندرهين ورسي ۾ پي ايس 71 تعلقي ٽلهار مان هزارين ماڻهن جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ پ پ ايم پي اي مير الله بخش خان ٽالپر جي راڄوخاڻي واري رهائش گاهه ايم پي اي هائوس تي تعلقي جو اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ضلعي بدين جي صدر حاجي رمضان چانڊيو سميت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

واره لڳ ڳوٺ ميد شهيد ۾ مبينا پوليس اهلڪار نادر لاشاري جو نوجوان تي حملو

ماجد لاشاري تي مٿان حملو نتيجي ۾ ماجد لاشاري ۽ هڪ عورت سخت زخمي ٿي پيا

فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد ماجد علي لاشاري کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره لڳ ڳوٺ ميد شهيد ۾ مبينا پوليس اهلڪار نادر لاشاري جو پنهنجي برادري جي نوجوان ماجد لاشاري تي مٿان حملو نتيجي ۾ ماجد لاشاري ۽ هڪ عورت سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي سول اسپتال واره/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سجاول ۾ شاهبندر واسي جو ٻاڙين جي ڏاڍ خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جي گهر

تعلقه ڳوٺ اسماعيل پرگڙي جو رهواسي محمد حاجن پرگڙي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

عليڻواز پرگڙي وارن مونتي ۽ منهنجي ماءُ تي بنا ڪنهن ڏوهه جي حملو ڪيو: محمد حاجن پرگڙي

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ شاهبندر واسي جو ٻاڙين جي ڏاڍ خلاف احتجاج، انصاف جي اپيل، سجاول ضلع جي شاهبندر تعلقه ڳوٺ اسماعيل پرگڙي جو رهواسي محمد حاجن پرگڙي سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سجاول: شاهبندر واسي جو ٻاڙين جي ڏاڍ خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جي گهر

اسلام ڪوٽ شهر ۾ فلور مالڪن جي اٽي جي توري ۾ اڪيائي ۾ واڌ

19 ڪلو جي تور فلور مالڪ اڌ مڻ تي هڪ ڪلو گهٽ ڏيڻ لڳا آهن

اسسٽنٽ ڪمشنر سميت انتظاميا فلور مالڪن خلاف ڪا ڪارروائي نه ڪئي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ) شهر ۾ فلور مالڪن جي اٽي جي تور ۾ ٻ اڪيائي اڌ مڻ بجاءِ 19 ڪلو جي تور فلور مالڪ اڌ مڻ تي هڪ ڪلو گهٽ جڏهن ته/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شيخ پرڪيو ٽاڻي جي مينهن چوري جا پيرا ڪنيا ويا، پوليس هٿان جوابدار گرفتار

شيخ پرڪيو پوليس هڪ جوابدار عمر ولد عثمان ماڇي کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو

اسماعيل ابڙو ۽ پوليس جمعدار ڪريم بخش نظاماڻي کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو ٽاڻي جي حد مان ڪجهه ڏينهن ٻهريان مينهن چوري ٿي وئي هئي جنهنجا پيرا ٻڪيرا شريف ٽاڻي جي حدوٽ ميرخان نوڙهو ۾ لڳا جتان شيخ پرڪيو پوليس هڪ جوابدار عمر ولد عثمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهرو فيروز ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور

محراب پور واسي پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو عائشه سومرو ۽ عبدالفتاح ناگور احتجاج ڪيو

الطاف سومرو، برڪت ۽ لال بخش سومرو مٿل ناگور ۽ ٻيا ڪاوڙجي پيا آهن: عائشه سومرو

نوشهرو فيروز (رپورٽ) پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور هٿيارٻند اسان جي ڳولا ڪري رهيا آهن اسان کي قتل ڪيو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهرو فيروز: پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو احتجاج ڪري رهيو آهي

اڌ ڪراچي گيس جي لوڊشيڊنگ هيٺ شهري عوام سخت پريشان، اختياريون خاموش

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ گيس جي هڙتالو لوڊشيڊنگ برقرار، عوام سخت پريشان

گيس جي لوڊشيڊنگ سبب گهريلو زندگي مفلوج، سرڪار سميت ڪنهن به ايڪشن نه ورتو

ڪراچي (باغي ساگر) اڌ ڪراچي گيس جي لوڊشيڊنگ هيٺ شهري عوام سخت پريشان سنڌ سرڪار سميت ڪنهن به ايڪشن نه ڪنيو ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ گيس جي هڙتالو لوڊشيڊنگ برقرار عوام سخت پريشان سردين ۾ گيس جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪراچي جي ايس ايڇ او سچل ڳوٺ جو چورن ۽ ڌاڙن خلاف آپريشن جاري

ايس ايڇ او سچل ڳوٺ گلبهار بلوچ پنهنجي ٽيم نواب خان جکراڻي ۽ ٻين ڪارروائي ڪئي

علائقي واسين جو ايس ايڇ او سچل ڳوٺ گلبهار بلوچ ۽ ٽيم سان ملاقات نيڪ تمنائون جو اظهار

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر) ڪراچي جي ايس ايڇ او سچل ڳوٺ جو چورن ۽ ڌاڙن خلاف آپريشن جاري ايس ايڇ او سچل ڳوٺ گلبهار بلوچ پنهنجي ٽيم نواب خان جکراڻي ۽ ڪانسٽيبل عمران ڪوڪر سان گڏ علائقي ۾ چورن ۽ ٻيرون جي صفائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: پوليس پاران ڳوٺ جي چورن ۽ ڌاڙن خلاف آپريشن تي هٿ ڪيل سامان موٽايو پيو وڃي

اسلام ڪوٽ اٽي چڪي مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ لڳا

شهر ۾ فلور مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا، اختياريون خاموش

شهري اٽي چڪي مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ جو سلسلو جاري آهي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) اسلام ڪوٽ اٽي چڪي مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ لڳا خبرموجب اسلام ڪوٽ شهر ۾ فلور مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا اٽي چڪي مالڪن پاران اٽي جي تور ۾ ٻيائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

لاڙڪاڻي واسي نوجوان محمد فاروق شيخ پاران گهرڀاتين سان گڏجي احتجاجي مظاهرو

لاڙڪاڻي شهر جي گهٽي ڦاٽڪ پرسان اسان جي ابن ڏاڏن جو بنگلو آهي: محمد فاروق شيخ

باڻر سٺوٽ پيپلز پارٽي جي اڳواڻ محمد نواز شيخ سياسي زور تي قبضو ڪري ورتو آهي: ڳالهيون

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي واسي نوجوان محمد فاروق شيخ پنهنجي گهرواري ماها فاروق، پٽن محمد عمر ۽ محمد سمي شيخ سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته لاڙڪاڻي شهر جي گهٽي ڦاٽڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گڏاپ جي لاسي ڳوٺ راجپوت محلي مان گم ٿيل جي معصوم نينگري جو پتو نه پيو

سالن جي معصوم نينگري آسيه ڌي نادر سيال چيز وٺڻ جي لاءِ دڪان تي وئي گم ٿي وئي

مٿن مائٽن يا ايڌي سينٽر تان پڇا ڳاڇا ڪرڻ باوجود ڪٿان به ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو

ڪراچي (رپورٽر) گڏاپ جي لاسي ڳوٺ راجپوت محلي مان ڏهه ڏينهن اڳ گم ٿي ويل 8 سالن جي معصوم نينگري آسيه نادر سيال جو ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي تنفصيل موجب، 8 سالن جي معصوم نينگري آسيه ڌي نادر سيال چيز وٺڻ جي لاءِ دڪان تي وئي ته وري گهر واپس نه موٽي سگهيو گهر ۾ ڪهرام مٿل امڙ کي بيهوشي جا دورا گهر ۾ صوم صلات قرآن جو ورد جاري ۽ پينگهو ٻڌي قرآن کي لوڏائي سڄي رات امڙ جاڳي دروازي تي پنهنجي لغت جي ارسيٽڙي جي آس لڳائي انتظار ۾ گذاري تي حد ٿاڻي تي اين سي ڪراچي جي سيني اسپتالن مٿن مائٽن يا ايڌي سينٽر تان پڇا ڳاڇا ڪرڻ باوجود ڪٿان به ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي نينگري جي چاچي طالب حسين سيال گڏاپ پريس ڪلب ڪراچي پهچي صحافين کي ٻڌايو ته اسان ڏهن ڏينهن کان ڳولها ڪري ڪري ٿڪي پيا آهيون ننڍڙي جي امڙ دل جي مريض آهي وري سڄي رات اوجاڳو ڪري ڪري ان جي طبيعت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪي اين شاهه اسٽوڊنٽ فورم طرفان بورڊ جي شاگردن مٿان فيس رکڻ خلاف احتجاج

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول کان علمدار چوڪ تائين شاگردن احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

خيرپورناٿن شاهه جي هڏيل شاگردن مٿان امتحاني فيس ختم ڪئي وڃي: مظاهرين جون ڏانهون

شاگردن جي تعليم کي بچايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ هائي وي بند ڪيو ويندو، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) ڪي اين شاهه اسٽوڊنٽ فورم طرفان لاڙڪاڻو بورڊ جي شاگردن مٿان امتحاني فيس رکڻ خلاف هڪ دفعو ٻيهر گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول کان علمدار چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي...! جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خيرپورناٿن شاهه: ڪي اين شاهه اسٽوڊنٽ فورم طرفان احتجاج ڪيو ويو

نوشهروفيروز ۾ ٽي اي او پاران جوائننگ بعد عملدارن سان ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) مس ياسمين مغل ٽي اي او TEO فيميل ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ نوشهروفيروز مقرر جوائننگ ۽ پنهنجي آفيس ۾ ويهڻ کان پوءِ آفيس اسٽاف سان ميٽنگ ڪئي ان موقعي تي ياسمين مغل ٽي اي او فيميل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته انشاءالله اڄ جوائننگ ڪئي آهي ٻهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ديرو لڳ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ٽاڻي جي حد شاهي لباڻو ديري ۾ نوجوان اغوا بعد بازياب

هٿيارٻند فقير غلام مرتضي جروار جو پٽ ڊرائيور احمد نواز جروار کي ٽريڪٽر سميت اغوا ڪري فرار ٿيا

ڳوٺاڻن مدڃجي شهر جندو ديرو واره پل پرسان مقابلي بعد مغوي کي ٽريڪٽر سميت بازياب ڪرائي ورتو

نئون ديرو (رپورٽ:شاهه محمود ڀٽو) نئون ديرو لڳ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ٽاڻي جي حد شاهي لباڻو ديري ۾ سارياڻي فصل جو ديرو ڳاهيندي رات دير سان هٿيارٻندن فقير غلام مرتضي جروار جو پٽ ڊرائيور احمد نواز جروار کي ٽريڪٽر سميت اغواڪري فرار ٿيا ته ديري ۾ موجود ڳوٺاڻن فورن ٽريڪٽر جي مالڪ ۽ پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن جروار برادري جا سوين ڳوٺاڻا ترڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

اسلام ڪوٽ ۾ سنڌي هاري تحريڪ طرفان شاندار ريلي ڪڍي وئي، ساڃاهه وند شريڪ

ريلي پريس ڪلب کان ٿيندي ٽائون ڪميٽي چوڪ تي جلسي جي شڪل ۾ تبديل ٿي وئي

زمينون مسڪين هارين ۾ ورهايو، جاڳيا جاڳيا هاري جاڳيا، ڪارونجهر جي ڪٽائي بند ڪريو جا نعرا

هتي جي زمينن تي زوري قبضا ڪيا ويا انهن تي اينيمي پراپرٽي ۽ اوڪيو پراپرٽي جهڙا ڏنا ويا: لال جروار

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) اسلام ڪوٽ ۾ سنڌي هاري تحريڪ طرفان شاندار ريلي ڪڍي وئي، جيڪا پريس ڪلب کان ٿيندي ٽائون ڪميٽي چوڪ تي جلسي جي شڪل ۾ تبديل ٿي وئي، ريلي ۾ هارين سان انصاف ڪريو، سرڪاري زمينون مسڪين هارين ۾ ورهايو، جاڳيا جاڳيا هاري جاڳيا، ڪارونجهر جي ڪٽائي بند ڪريو، فصلن جا اگهه وڌايو جي نعريبازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسلام ڪوٽ: سنڌي هاري تحريڪ پاران زيادتين خلاف ريلي ڪڍي وئي

صالح پٽ جي رهواسي پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) صالح پٽ جي رهواسي پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي نوجوان دلبر بگٽي ۽ ناري ڪونج سکر پريس ڪلب ٻاهران تحفظ لاءِ صحافين آڏو ڏانهيندي ٻڌايو ته اسان پنهنجي رضاخوشي سان خيرپور جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪيو آهي، جنهن تي ناري جا وارث اعجاز لاشاري، محمد نواز عرس ۽ ٻيا ڪاوڙ ۾ اچي مرتمار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود شاهه عبداللطيف يونيورسٽي پروفيسر ريٽائرمنٽ جا پئسا نه مليا

متاثر پروفيسر پاران ڊائريڪٽر فنانس ۽ ٻين خلاف توهين عدالت جي پٽيشن داخل ڪرائڻ جو اعلان

15 مارچ 2022 تي 21 هين گريڊ جي پوسٽ تان ريٽائرڊ ٿيو آهيان، پٽيشن داخل ڪرائي هئي: ممتاز علي

ڊائريڪٽر فنانس وٽ ويس ته هن بد اخلاقي سان پيش ايندي رهتون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي: ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪم باوجود شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ريٽائرڊ سينيئر پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز علي جوڻيجو کي ريٽائرمنٽ جا پئسا نه ملي سگهيا متاثر پروفيسر پاران ڊائريڪٽر فنانس ۽ ٻين خلاف توهين عدالت جي پٽيشن داخل ڪرائڻ جو اعلان ڪيو سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته 15 مارچ 2022 تي 21 هين گريڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏهرڪي ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ تقريب، انعام ۽ شيلڊون تقسيم

تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن محنت سان سالياني امتحان ۾ پوزيشون حاصل ڪيون آهن

هاءِ ڪورٽ جي وڪيل غلام رسول مهر، عبدالرزاق خان مهر ۽ هيڊ ماسٽر سومرو جي شرڪت

سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي مجتا طور استادن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پڻ ڏنا

ڏهرڪي (رپورٽ:لالچند مرتواڻي) ڏهرڪي ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ تقريب سالياني امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي روڪ انعام ۽ شيلڊون ڏنيون. مان انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان جو ورياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏهرڪي: گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول ۾ تقريب ۾ انعام ۽ شيلڊون تقسيم ڪيون ويو

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران آزاد ڪيل نينگر سمير علي کي سڪيوريٽي فراهم ڪرڻ جو حڪم

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کي گرفتاري بعد آزاد ڪيل نينگر ثمير علي ۽ سندس گهرڀاتين کي حراسان ڪرڻ کان روڪيندي سڪيوريٽي فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڊي آءِ جي حيدر آباد کي ڪيس جي جاچ ڪري رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائڻ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اسلام ڪوٽ پوليس سبزي هلائيندڙ پورهيت کي منشيات ۾ چالان ڪري ڇڏيو

غريبن کي گرفتار ڪري مٿس منشيات جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ معمول بڻائي ڇڏيو

آئون بيگناهه آهيان شهر ۾ سبزي وڪرو ڪري ٻچن جو پيٽ پاليان ٿو: پورهيت بادل بجير

ايس ايڇ او چئي موٽائي ٿو ته منشيات ڪيس ۾ چالان ٿيندڙن جي لسٽ آءِ جي سنڌ ڪان آيل آهي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:صادق بجير) اسلام ڪوٽ پوليس سبزي هلائيندڙ پورهيت کي منشيات ۾ چالان ڪري ڇڏيو خبرموجب: اسلام ڪوٽ پوليس بيگناهه شهرين کي تنگ ڪرڻ ۽ گرفتار ڪري مٿس منشيات جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ معمول بڻائي ڇڏيو گذريل ڏينهن ايس ايڇ او قادر بخش ٻهراڻي سبزي جو گاڏو هلائيندڙ پورهيت بادل بجير کي گرفتار ڪري مٿس چرس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي حقن جو قومي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي: نادر ابڙو

عورتن کي حراسان ڪرڻ جي روڪ ٿام سميت عورتن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيو پيو وڃي

آگاهي فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن هو اڳتي وڏي معاشري ۾ برابري جي بنياد تي ڪم ڪري سگهن

سيمينار ۾ تعليم، صحت، پوليس سميت ٻين کاتن ۾ ڪم عورتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

نواب شاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي ريجنل اليڪشن ڪمشنر آفيس شهيد بينظير آباد پاران عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي تعاون سان ڪم ڪندڙ عورتن جي حقن واري قومي ڏهاڙي جي موقعي تي نواب شاهه جي ٽيچر ريسورسز سينٽر ۾ هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊپٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوابشاهه: ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي حقن جو قومي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب منعقد

جماعت اصلاح المسلمين لاڙڪاڻي جو سالياني ضلعي ڪنوينشن آچر تي ٿيندو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جماعت اصلاح المسلمين ضلعي لاڙڪاڻي جو سالياني ضلعي ڪنوينشن ايندڙ 25 ڊسمبر آچر جي ڏينهن شهر جي مقامي مدني هال ۾ صوبائي صدر قاضي مشهود احمد طاهري جي صدارت هيٺ منعقد ٿيندو، جنهن ۾ صوبائي اڳواڻ شرڪت ڪندا ان موقعي تي مقامي برانچن جا سيڪريٽريز پنهنجي برانچن جي سالياني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ جي سڀ کان وڏي بدين ٽماٽا منڊي ۾ ٽماٽن جو اگهه ڪري پيو، 20 روپيا ڪلو وڪرو

آبادگارن محنت ۽ خرچ ڪري هزارين ايڪڙن تي ٽماٽي جو فصل پوکي تيار ڪيو آهي

250 روپيا ڪلو وڪرو ٿيندڙ ٽماٽو هن وقت بازارن ۾ گاڏن تي 20 روپيا ڪلو وڪامي رهيو آهي

آبادگارن جي حڪومتي سرپرستي نه هجڻ سبب بدين جي آبادگارن جو ايندڙ هر فصل ماري ڪنيو پيو وڃي

بدين (رپورٽ:مرتضي ميمڻ) سنڌ جي سڀ کان وڏي بدين ٽماٽا منڊي ۾ ٽماٽن جو اگهه ڪري پيو ٽماٽا 20 روپيا ڪلو ٿيڻ ڪان پوءِ آبادگارن کي وڏو نقصان تفصيل موجب بدين ضلع ۾ هرسال جيان هن سال به هزارين ايڪڙ زمين تي ٽماٽي جو فصل پوکيو ويو آهي مهانگي ڀاڻ ٻج ڪيڙي جي خرچ ۽ پاڻي جي ڪوٽ هوندي آبادگارن محنت ۽ خرچ ڪري هزارين ايڪڙن تي ٽماٽي جو فصل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 23 ڊسمبر 2022ع

عوام کي رليف ڪير ڏيندو؟

پنجاب ۾ هڪ ڀيرو وري سياسي بحران پيدا ٿي ويو آهي. گورنر بليغ الرحمان پاران وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ ڏنل ڏينهن ۽ وقت گذرڻ باوجود پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ ناهي ورتو جنهن بعد کيس هٽائڻ لاءِ قانوني مشاورت جاري آهي ۽ امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته گورنر بليغ الرحمان وزيراعليٰ پنجاب چوڌري پرويز الاهي کي عهدي تان هٽائي ڇڏيندو جنهن بعد ملڪ جي سڀ کان وڏي صوبي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت ختم ٿي ويندي. وفاق ۾ پي ڊي ايم جي اتحادي حڪومت پاران به واضح ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن چوڌري پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ نٿو وٺي ته پوءِ گورنر کيس عهدي تان هٽائڻ جو نئون نوٽيفڪيشن جاري ڪندو

ملڪ جي سڀ کان وڏي صوبي ۾ اهو سياسي بحران پيدا ٿيڻ جو سبب پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان پاران اسيمبلين مان نڪرڻ جو اعلان ڪرڻ ۽ وقت کان اڳ صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو ڪرڻ آهي عمران خان پنهنجي ان اعلان ۾ چئي چڪو آهي ته هو جمعي تي نه رڳو پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه صوبن جون اسيمبليون ٽوڙي ڇڏيندو پر گڏوگڏ سندن جماعت جا 123 يا 125 قومي اسيمبلي جا ميمبر اسپيڪر قومي اسيمبلي جي سامهون پيش ٿي استيعفائون ڏيندا ۽ اهي فوري طور منظور ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪندا. ٻئي طرف وفاقي حڪومت جو پڻ واضح اعلان اچي چڪو آهي ته هن وقت ملڪ ۾ عام چونڊون نٿيون ٿي سگهن ۽ چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿينديون جڏهن ته وفاقي حڪومت پاران اهو به اشارو ڏنو ويو اهي ته ملڪ جي معاشي صورتحال خراب آهي انڪري ممڪن آهي ته هو حڪومت کي وڌيڪ وقت ڏيڻ لاءِ عام چونڊون ملتوي به ڪري سگهي ٿي ان سموري صورتحال ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي ان اعلان کانپوءِ پي ڊي ايم جي اتحادي حڪومت صوبائي اسيمبلين کي بچائڻ لاءِ ملڪ جي سڀ کان وڏي صوبي پنجاب ۾ نه رڳو وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي خلاف بي اعتمادي رٽ آندي آهي پر گورنر کان پڻ وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ پڻ چورايو ويو آهي.

پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي پاران عدم اعتماد جو ووٽ نه وٺڻ بعد ملڪ جي سڀ کان وڏي صوبي ۾ جيڪا سياسي صورتحال پيدا ٿي آهي اها ڪنهن به طرح ملڪ جي مفاد ۾ ناهي. جيڪڏهن وفاقي حڪومت جيڪا 13 سياسي پارٽين جي گڏيل حڪومت آهي ۽ چاهي ٿي ته وقت تي چونڊون ٿين ته اهو ان جو آئيني حق آهي ساڳي نموني جيڪڏهن پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه صوبن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت آهي ۽ اها چاهي ٿي ته صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون وڃن ۽ نيون حڪومتون ٻيهر عوام جو مينڊيٽ حاصل ڪري اقتدار ۾ اچن ته اهو به انهن جو آئيني حق آهي پر ڇا انهن ٻنهي ڌرين جو اهو عمل ملڪ ۽ عوام لاءِ فائدو ڪٿي ايندو ته ان سوال جو جواب اهوئي اهي ته هن وقت ملڪ جنهن معاشي بحران جي ور چڙهيل آهي اهو انهن ٻنهي ڌرين کي اها اجازت نٿو ڏي ته اهي رڳو پنهنجي خواهش جي تڪميل لاءِ ملڪ کي اڃا وڌيڪ بحران ڏانهن ڌڪين جيڪڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه صوبن ۾ نيون چونڊون ڪرايون وڃن ٿيون ته پوءِ ڪهڙي گارنٽي آهي ته اهي نيون حڪومتون اچي ملڪ کي هن معاشي بحران مان ڪڍنديون؟ ڇاڪاڻ ته اهو سمجهي به وڃي ته نين چونڊن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان تحريڪ انصاف پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه صوبن ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي ۽ حڪومتون ناهي ٿي ته پوءِ انکي اسيمبليون ٽوڙڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته اها هن وقت به ٻنهي صوبن ۾ حڪومت ڪري رهي آهي ۽ جيڪڏهن عمران خان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه صوبن ۾ اسيمبليون ٽوڙي نيون چونڊون ڪرائڻ پنهنجو آئيني حق سمجهي ٿو ته پوءِ وفاق ۾ پي ڊي ايم جي حڪومت جي آئيني حق خلاف پيو واويلا ڪري رهيو آهي. پي ڊي ايم توڙي پاڪستان تحريڪ انصاف کي رڳو پنهنجي پنهنجي خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ ملڪ جي 22 ڪروڙ عوام سان کيڏڻ نه گهرجي پر بهتر اهو آهي ته ٻئي ڌريون سنجيدگي جو مظاهرو ڪن ۽ پنهنجي پنهنجي انا کي پاسيرو رکي گڏجي ويهن ۽ فقط ان ايجنڊا تي ڳالهيون ڪن ته ملڪ کي معاشي بحران مان ڪيئن ڪڍي سگهجي ٿو ان لاءِ ضروري آهي ته بيڪ ڊور جيڪي ڳالهيون هلي رهيون آهن انهن کي وڌيڪ جامع بڻايو وڃي.

پنجاب جو سياسي ۽ آئيني بحران ڪٿي دنگ ڪندو؟

اير بي سومرو

موجوده سياسي ماحول کي ڏسي اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته جيڪا سياست تحريڪ انصاف ۽ پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽيون ڪري رهيون آهن اها عوامي مفادن کان گهڻو ذاتي مفادن لاءِ وڌيڪ ڏيندي نظر اچي رهي آهي. عمران خان جڏهن کان وزير اعظم هو تڏهن کان وقت کان اڳ عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ چيو ويندو هو ته ان وقت عمران خان جلد چونڊون ڪرائڻ جي حق ۾ نه هوندا هو ۽ جڏهن هاڻي عمران خان اقتدار مان ٻاهر آيو آهي تڏهن هو مسلسل ملڪ اندر عام چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهي موجوده حڪومت سندس مطالبي کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي اهوئي سبب آهي ته ڪجھ ڏينهن اڳ اڳوڻي وزير اعظم عمران خان 23 ڊسمبر جمع ڏينهن پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو هو عمران خان اهو قدم آخري آپشن طور کنيو آهي کيس معلوم آهي ته پنجاب حڪمراني جو فيصلو ڪرڻ وارو صوبو آهي ان ڪري پنجاب اسيمبلي جي ٽٽڻ بعد وفاقي حڪومت دٻاءَ ۾ اچي ويندي ۽ عام چونڊون ڪرائڻ جو رستو صاف ٿي ويندو عمران خان کي اهو به محسوس ٿي رهيو آهي ته جيڪڏهن پنجاب اسيمبلي ٽٽڻ بعد ٻين صوبن جون اسيمبليون نه ٽٽيون ۽ رڳو پنجاب سان گڏ ڪي پي ڪي اسيمبلي جي صوبائي تڪن تي ئي چونڊ ٿئي ته به ان لاءِ سياسي طور فائدي مند ان ڪري آهي جو ان سان عمران خان پنهنجي مقبوليت کي ووٽن ۾ تبديل ڪرائي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ جيڪڏهن ڪامياب ٿي ويو ته ان سان پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ وري پنج سالن لاءِ حڪومت قائم ٿي ويندي ان بعد جيڪڏهن پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ ٻين صوبن ۾ قومي اسيمبلي باقي صوبن جي صوبائي اسيمبلين جي تڪن تي چونڊون ٿينديون ته عمران خان کي لڳي ٿو ته ان صورت ۾ قومي اسيمبلي جي تڪن تي پي ٽي آءِ کي شڪست نٿي ملي سگهي.

پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽين پاران پنجاب صوبي جي اسيمبلي کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ٿي رهيون آهن انهن سان لڳي رهيو آهي ته کين به اهو خوف آهي ته جيڪڏهن پنجاب اسيمبلي ٽٽي وئي ته ڪٿي ملڪ اندر عام چونڊن لاءِ دٻاءُ ان حد تائين نه هليو وڃي جو کين عام چونڊون ڪرائيون پون نه رڳو ايترو پر جيڪڏهن پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽٽن ٿيون ۽ رڳو انهن اسيمبلين جي صوبائي تڪن تي ئي چونڊ ٿئي ٿي ته ان سان ملڪ اندر جيڪو قومي ۽ چئني صوبائي اسيمبلين جي تڪن تي هڪ ئي ڏينهن چونڊ ٿيڻ وارو سلسلو آهي اهو باقي نه رهندو جيڪڏهن ٻن اسيمبلين ۾ اڳ ۾ چونڊ ٿي وڃي ٿي ته ان جا چونڊ نتيجا باقي صوبائي اسيمبلين جي صوبائي تڪن ۽ قومي اسيمبلي جي تڪن تي جڏهن بعد ۾ چونڊ ٿيندي ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جا چونڊ نتيجا ان تي اثر انداز ٿي سگهن ٿا خير عمران خان پاران پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي کي ٽوڙڻ جي ڪيل اعلان تي 23 ڊسمبر تائين پنجاب صوبي ۾ ته عمل ٿيندي نظر نٿو اچي ڇاڪاڻ ته مسلم ليگ ن ۽ پيپلزپارٽي پاران پنجاب اسيمبلي ۾ پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي خلاف عدم اعتماد جي قرارداد جمع ڪرائي وئي آهي عدم اعتماد جي قرارداد جمع ٿيڻ بعد هاڻي پنجاب جو وڏو وزير آئيني طور اسيمبلي تيستائين ٽوڙي نٿو سگهي جيستائين عدم اعتماد جي رٽ تي ووٽنگ نٿي ٿئي ۽ پي ٽي آءِ جيڪڏهن عمران خان چاهي ته ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽوڙي سگهي ٿو جڏهن ته پي ٽي آءِ جي وڏي وزير خلاف عدم اعتماد جي قرارداد اڪيلي ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽوڙيندو ڪي پي ڪي اسيمبلي جو به ٽٽڻ پنجاب اسيمبلي جي ٽٽڻ سان ان ڪري مشروط آهي جو اڪيلي ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽوڙڻ سان هڪ ته عمران خان جو سياسي فائدو نه ٿيندو پيو ته ائين ڪرڻ سان عمران خان جي هٿان صوبائي حڪومت هلي ويندي ۽ صوبائي سيٽن تي ٿيل چونڊن ۾ جيڪڏهن عمران خان ناڪام ٿيو ته کيس وڌيڪ سياسي نقصان ٿيندو ان ڪري اهو واضح طور لڳي رهيو آهي ته ڪي پي ڪي اسيمبلي پنجاب اسيمبلي سان گڏ ئي ٽٽڻي آهي پر في الحال ته پنجاب اسيمبلي ٽٽڻ وارو معاملو آئيني جنگ جي صورتحال ۾ اچي پهتو آهي ٿيو اهو آهي ته مسلم ليگ ن پنجاب جي وڏي وزير خلاف عدم اعتماد جي رٽ ته انڪري جمع ڪرائي هئي جيئن هو اسيمبلي نه ٽوڙي سگهي ان کان به وڌ ڪم اهو ڪيو ته گورنر پنجاب جي وڏي وزير کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي هدايت ڪرائي وئي گورنر جي اعتماد جي ووٽ وٺڻ جي هدايت سان گڏ 21 ڊسمبر تي شام چار وڳي اجلاس به پنجاب اسيمبلي جو ان لاءِ طلب ڪري ورتو هو ته ان جو مطلب اهو ته ڪالهه چار وڳي شام جو پنجاب جي وڏي وزير کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ گهربو هو پر ان 20 ڊسمبر واري ڏينهن تي اسپيڪر پنجاب اسيمبلي کان رولنگ ڏياري گورنر جي حڪم کي غير آئيني قرار ڏئي ڇڏيو جڏهن ڪالهه طلب ڪيل اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير اعتماد جو ووٽ نه ورتو ته گورنر پاران پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي کي وزيراعليٰ جي عهدي تان هٽائڻ جون تياريون جاري هيون جنهن مان واضح لڳي رهيو آهي ته پنجاب اسيمبلي جو معاملو هڪ ڀيرو وري سپريم ڪورٽ ۾ ايندو اها سياسي چڪتاڻ جيڪا آئيني چڪتاڻ ۾ تبديل ٿيندي ان صورتحال جو فيصلو سپريم ڪورٽ ڪندي سپريم ڪورٽ ڪهڙو فيصلو ڏئي ٿي ۽ ان ۾ ڪيترا ڏينهن لڳندا بابت ڪجھ نٿو چئي سگهجي پر ملڪ جي سڀ کان وڏي صوبي اندر پيدا ٿيندڙ آئيني بحران سبب سپريم ڪورٽ ان حوالي سان فوري فيصلو ڪري ٿي يا نه؟ سوال هي آهي ته جيڪڏهن گورنر اجلاس طلب ڪيو هو ۽ آئيني طور گورنر کي اهو اختيار آهي جو هو وڏي وزير کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ چوي ته پوءِ اعتماد جو ووٽ چو نه ورتو ويو اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته پرويز الاهي اهو چئي چڪو آهي ته 90 سيڪڙو ميمبر اسيمبلي ٽوڙڻ جي حق ۾ نه آهن ۽ اهو به سيني کي معلوم آهي ته ق ليگ جي 6 ميمبرن کان حمايت حاصل ڪرڻ جي اڳوڻو صدر ڪوششون ڪري رهيو آهي ان لاءِ نه رڳو آصف زرداري پر وزير اعظم به چوڌري شجاعت سان ملاقاتون ڪري چڪو آهي ڇا ان ڪري ته اعتماد جو ووٽ نه ورتو ويو جو پرويز الاهي ۽ پي ٽي آءِ کي 186 ميمبرن جو تعداد اعتماد جو ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ گڏ ڪرڻ مشڪل هو مزي جي ڳالهه آهي جيڪڏهن اعتماد جي ووٽ لاءِ ٿيندڙ اجلاس ۾ ڪجھ پي ٽي آءِ ۽ ق ليگ جا ميمبر نه آيا ۽ غير حاضر رهيا ته غير حاضري جي بنياد تي انهن کي نااهل نٿو ڪرائي سگهجي ان لاءِ عائشه گلالئي جو مثال موجود آهي پنجاب اسيمبلي جي صورتحال اها آهي جو پي ٽي آءِ 180 ۽ ق ليگ جا ڪل 10 ميمبر آهن مطلب ڪل 190 ميمبرن مان اعتماد جي ووٽ لاءِ 186 ميمبر گهرجن جيڪڏهن رڳو ق ليگ جا 6 ميمبر ئي اجلاس ۾ نه اچن ها ته پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ نه وٺي سگهي ها شايد ناڪامي کان بچڻ لاءِ اسپيڪر پنجاب اسيمبلي کان رولنگ ڏياري وئي جيڪڏهن ميمبر پورا هجن ها ته رولنگ جو سهارو چو ورتو وڃي ها.

پنجاب ۾ آئيني سياسي بحران جنم وٺندو ان جو حل ڇا ٿو نڪري بابت صورتحال سامهون اچي ويندي پر جيڪڏهن پنجاب ۾ عمران خان حڪومت وڃائي ويٺو ته پوءِ ان پاران اسيمبلين مان استعيفائون ڏيڻ کيس سياسي طور نقصان ٿيندو جيڪڏهن رڳو پي ٽي آءِ ميمبر استعيفيٰ ڏين ٿا ۽ انهن تڪن تي وري چونڊ ٿي وڃي ٿي ته پوءِ ايندڙ عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ وفاق ۽ صوبن نگران حڪومتن جي قيام ۾ به پي ٽي آءِ جو عمل دخل ختم ٿي ويندو نه رڳو ايترو هن وقت عمران خان پنجاب ۾ ان ڪري آهي جو وفاقي حڪومت چاهي ته ان کي گرفتار نه ڪري سگهي جيڪڏهن پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ ان جون حڪومتون نه رهنديون ته پوءِ ڇا گرفتاري کان بچڻ لاءِ عمران خان ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ ويندو خير هاڻي رڳو ڏسڻو اهو آهي ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي اسيمبلي ٽوڙڻ واري عمران خان جي فيصلي جو ڇا ٿو ٿئي جيڪڏهن ٻنهي صوبائي اسيمبلين کي عمران خان ٽوڙڻ ۾ ناڪام ٿيو ته پوءِ وقت کان اڳ چونڊون ٿيڻ جي شايد عمران خان جي خواهش پوري نه ٿي سگهي ۽ ايندڙ عام چونڊن جا نتيجا ڪهڙا هوندا بابت ته هن وقت ڪجھ نٿو چئي سگهجي پر سوال هي آهي ته عمران خان کي 2018 جي عام چونڊن ۾ جن طاقتور ڌرين جي واضح ۽ کليل حمايت هئي چونڊن بعد به کيس اها حمايت ملڻ جو عمل جاري رهندو؟ ايندڙ چونڊن ۾ ماضي وانگر عمران خان کي ڇا حمايت ملي سگهندي؟ جيڪڏهن اوتري حمايت نه ملي سگهي ته پي ٽي آءِ لاءِ ڇا چونڊون کٽڻ آسان هوندو آخر ۾ اهو چوڻ چاهيان ٿو ته پيدا ٿيل سياسي صورتحال ڪري عمران خان جون سامهون آيل تازيون آڊيو ليڪس ماڻهن جي نظرن کان اوجهل ٿي سگهن ٿيون يا انهن تي بحث پسمنظر ۾ وڃي سگهي ٿو ان ڪري هن پيدا ٿيل بحران جو به ڪنهن حد تائين عمران خان جو فائدو آهي هڪ ته آڊيو ليڪس تي بحث پسمنظر ۾ هليو ويندو پيو افراتفري جي ماحول ۾ ملڪ جي معاشي صورتحال بهتر نه ٿي سگهندي جيڪڏهن ملڪ اندر پيسو ۽ مالي طور استحڪام نه هوندو ته پوءِ هي حڪومت عوام کي محسوس ٿيندڙ ڪهڙو رليف ڏئي سگهندي جيڪڏهن رليف نه ڏئي سگهندي ته پوءِ چونڊن ۾ عوام واري هن حڪمران اتحاد جي پارٽين کي چو ڪامياب ڪندي؟

مُون اُڌاريا ميڙا، اَلمَا گھاٽو آٿِ،
مِيان! مُدائِن سين، مونکي، قادِرا! وِھَ مَ ڪاٿِ؛
ھَٿَ منھنجي ھاٿِ، قَدُرُ لِڌو جِن ري.

والدين ۽ استاد ڪيئن مدد ڪري سگهن ٿا ٻارن کي آن لائن محفوظ رکڻ ۾؟

محمد فاروق

اسلام زندگيءَ جو هڪ مڪمل دستور آهي. جنهن جا رهنما اصول نه صرف مسلمانن لاءِ پر پوري انسانيت لاءِ اهم مقام رکن ٿا. اسلام عريانيت ۽ بي حيائي جي سختيءَ سان ترديد ڪئي آهي. حياءَ کي ايمان جو حصو قرار ڏنو آهي. جديد دور ۾. ٽيڪنالاجي مثبت ۽ منفي ٻنهي اثرات سان اسان جي زندگي جو هڪ لازمي حصو بڻجي چڪو آهي. تنهنڪري اهو ذهن ۾ رکڻ تمام ضروري آهي ته پاڪستان ۾ 83 ملين انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ آهن. جن مان اڪثريت نوجوانن جي آهي. اهي آن لائين نقصانڪار مواد سان لاڳاپيل خطرن جو شڪار ٿي سگهن ٿا. نه رڳو اهو پر اهي سماجي/غير اخلاقي مسئلن جو به شڪار ٿي سگهن ٿا ۽ بعد ۾ سنگين ڏوهن ۾ ملوث ٿي سگهن ٿا. اهو سفر جيڪو غير اخلاقي آن لائين مواد جي ڳولا سان شروع ٿئي ٿو ڪنهن به نوجوان کي غير قانوني سرگرمين ۽ خوفناڪ سائبر ڏوهن ۾ ملوث ڪري سگهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اهڙن نوجوانن جو انگ وڌي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن ان تي ضابطو نه آندو ويو ته ان جا اسان جي سماج تي وڏي پيماني تي خراب اثر پئجي سگهن ٿا. هن جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾. اسان نوجوانن ۽ ٻارن کي انٽرنيٽ/سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ کان محروم نٿا ڪري سگهون. پر انهن کي انهن جي آن لائين سرگرمين سان لاڳاپيل خطرن بابت رهنمائي ڪرڻ گهرجي. بهرحال. جنسي مواد ڳولڻ / ڏسڻ اسان جي نوجوانن کي منهن ڏيڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ آن لائن خطرو ٿي سگهي ٿو. جنهن ڪري انهن کي آساني سان ٻين غير اخلاقي ڏوهن جي مرتڪب ڪري سگهجي ٿو. خطري کي گهٽائڻ لاءِ. والدين لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي ٻارن کي اهڙي آن لائين مواد جي خطرن بابت آگاهه ڪن ۽ رهنمائي ڪن. سائبر ڪرائم جي روڪٿام جي حوالي سان نوجوانن کي پاڪستان جي موجوده انٽرنيٽ قانونن کان به آگاهه ڪيو وڃي. ٻارن لاءِ آن لائن خطرن کي گهٽائڻ لاءِ والدين/سرپرستن لاءِ تيار ڪيل ڪجھ هدايتون هيٺ ڏجن ٿيون. هميشه پنهنجي ٻارن کي سيکاريو ته ڪيئن ممڪن آنلائن ۽ لاڳاپيل خطرن کان بچڻ لاءِ. مثال طور. انهن کي چئو ته ڪڏهن به اجنبي/مشتڪن سان آن لائن ڳالهه ٻولهه نه ڪن يا انهن جي ذاتي معلومات ڪنهن سان شيئر ڪن. اهڙن اجنبي ماڻهن کي توهان جي گروپ/پيج ۾ شامل ٿيڻ يا انهن جي پيروي ڪرڻ جي اجازت نه ڏيو. پنهنجي ٻارن کي ڪا به آن لائن گيمز کيڏڻ جي اجازت نه ڏيو. خاص ڪري رانديون جن ۾ تشدد واري تصويرن جا عنصر شامل هجن. ڇو ته اهڙيون رانديون ٻارن جي شخصيت ۽ صحت تي ناڪاري اثر پون ٿيون. جڏهن ٻار پرتشدد رانديون کيڏندا آهن. اهي اڪثر ڪري ٻين ٻارن تي عمل کي ورجائيندا آهن ۽ گفتگو ۾ پنهنجي جارحانه رويي جو اظهار پڻ ڪندا آهن. ان کان علاوه. استعمال ڪندڙ ممنوع مواد خاص طور تي بدنامي جي ڪيسن کي لاڳاپيل سوشل ميڊيا پليٽ فارم يا PTA کي رپورٽ ڪري سگهن ٿا ته جيئن عملي طور تي ان جي فوري طور تي هٽائڻ کي يقيني بڻائي سگهجي ته جيئن لاڳاپيل خطرن جي نوعيت کي گهٽائي سگهجي. بامعني رابطي ۽ گڏيل ڪوشش ذريعي. اسان پنهنجن ٻارن کي آن لائين خطرن کان بچائي سگهون ٿا ۽ انهن کي آن لائن وسيلن کي محفوظ ۽ مثبت طريقي سان استعمال ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهون ٿا.

بقايا 01

خلاف سهڪار جو ڪو به نئون معاهدو ناهي ڪيو ويو. افغانستان جا فنڊ طالبان لاءِ نه پر افغان عوام لاءِ آهن. پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ آمريڪا سان سهڪار جو واعدو ڪيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ پرڏيهي وزير چيو ته آمريڪا ۾ سفارتخاني جي ملڪيت واري عمارت کي وڪڻڻ گهرجي. عمارت جي حالت خراب آهي. ٽيڪس ۽ ٻيا خرچ وڌيڪ هجن. پر مان هوٽل وڪرو ڪرڻ جي حق ۾ نه آهيان. پاڪستان ۾ چونڊن بابت سوال تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته چونڊون وقت تي ٿينديون. ان ڪري عمران خان چاهي ٿو ته جلد چونڊون ٿين ته جيئن ڌانڌلي ٿي سگهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ادارا تڪراءَ کان وٺي آئيني ڪردار تائين پهتا آهن. پر ڪجھ سياستدان آهن جيڪي نفرتون پکيڙي رهيا آهن ۽ سياسي اختلافن کي دشمني جو رنگ ڏئي رهيا آهن.

بقايا 02

زخمي ٿيندڙ پاڪ فوج جي آفيسرن ۽ جوانن سان ڳالهائي رهيو هو. آءِ ايس پي آر موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهه خميس ڏينهن سي ايم ايڇ راولپنڊي سي ٽي ڊي ڪمپليڪس بنون آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ آفيسرن ۽ جوانن جي عيادت ڪئي. وزيراعظم آپريشن ۾ حصو وٺندڙ فوجين جي جرئت ۽ بهادري کي خراج تحسين پيش ڪيو. وزيراعظم چيو ته شهيدن ۽ انهن جي گهراڻين پاڪستان جي عوام جي تحفظ ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. وزيراعظم چيو ته اسان پرامن ۽ مستحڪم ماحول حاصل ڪرڻ تائين هر قسم جي دهشتگردن، انهن جي حامين ۽ همدردن جي وچ ۾ ڳٺ جوڙ کي ٽوڙڻ جي لاءِ پرعزم آهيون. وزيراعظم چيو ته رياست جي عملداري هر قيمت تي قائم ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ قوم ۽ بهادر هٿياربند فوج جي بي مثال قربانين جي ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابين کي پٺتي تان لاهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.

بقايا 03

جنرل اظهر وقاص، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي، ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي عمران يعقوب، ايڊيشنل آءِ جي اسپيشل برانچ خادم رند ۽ صوبائي انٽيليجنس ادارن جي سربراهن شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات ۾ سنڌ جي وڏي وزير چيو ته دهشتگرد تنظيمون ۽ اسٽريٽ ڪرمنل به وڏا خطرا آهن. هن وڌيڪ چيو ته پابندي مڙهيل تنظيمون مستقل خطرو آهن تنهنڪري انهن خلاف موثر ۽ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن شروع ڪيو وڃي. مراد علي شاهه چيو ته اسٽريٽ ڪرمنلز ڪراچي جي شهرين ۾ خوف ۽ وڳوڙ پيدا ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو تعداد گهٽو ناهي جو انهن جو تعداد ايترو به نه آهي جو ڪٿي انهن کي ختم نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته آئون چاهيان ٿو ته پوليس ۽ رينجرز انهن (اسٽريٽ ڪرمنلز) خلاف آپريشن شروع ڪرڻ جو پلان تيار ڪن ۽ انهن هنڌن تي فورسز جي مقرري کي يقيني بڻائين جتي واقعا وڌيڪ آهن. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته صوبي ۾ پابندي مڙهيل تنظيمون ايتريون مضبوط ناهن پر انهن جي حرڪتن تي ڪڙي نظر رکي ويندي. سنڌ جي وڏي وزير اجلاس جي شرڪت ڪندڙن سان صلاح ڪندي پوليس سميت سمورن انٽيليجنس ادارن وچ ۾ ويجهن رابطن تي زور ڏنو ته جيئن حساس معلومات تي ترت ڪارروائي ڪري سگهجي. اسٽريٽ ڪرمنلز: سنڌ جي وڏي وزير چيو آهي ته اسٽريٽ ڪرمنلز رڳو ڊسمبر جي مهيني ۾ 7 ماڻهن کي قتل ڪيو هن چيو ته اهو قبول جوڳو نه آهي ۽ حڪومت لاءِ چيلنج آهي تنهنڪري آئون چاهيان ٿو ته پوليس ۽ رينجرز گڏجي ڪم ڪن ته جيئن ان خوف کي ختم ڪيو وڃي. پوليس ۽ رينجرز جي گڏيل آپريشن ذريعي شهر ۾ سرگرم ملوث ٽولن جو خاتمو آندو ويندو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته هلندڙ سال دهشتگردن ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز سان 2258 مقابلا ڪيا ويا جنهن جي نتيجي ۾ 1259 گينگز تباهه، 16612 ڏوهاري گرفتار ۽ 204 ڏوهاري مارجي ويا. سنڌ جي وڏي وزير ڏوهارين جي چُرپُر کي روڪڻ لاءِ شهر ۽ صوبي جي اچ وڃ وارن رستن تي سخت نگراني ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير سٽي پوليس کي هدايت ڪئي ته اسٽريٽ ڪرمنلز جي خاتمي لاءِ سندن خلاف ڀرپور ڪارروايون شروع ڪيون وڃن ۽ 15 ڏينهن اندر ان سلسلي ۾ هڪ جائزو اجلاس پڻ ڪوٺايو ويندو. غير قانوني مهاجر: اجلاس ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي وئي ته ڪراچي ۾ مختلف غير قانوني مهاجر اچي رهيا آهن پر هاڻي انهن کي مستقل طور واپس ڪيو پيو وڃي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هو شهر ۾ غير قانوني مهاجرن جو اچڻ وارو معاملو وفاقي حڪومت آڏو اٿاريندس ته جيئن انهن کي سرحدن تي روڪي سگهجي.

بقايا 04

وارو وفاقي وزير مخدوم مرتضيٰ محمود، هائوسنگ اينڊ ورڪس وزير عبدالواسع، پيٽروليم بابت مملڪتي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ، سيڪريٽري پاور راشد لنگڙيال، NEECA جو نمائندو سردار معظم شامل ٿيا جڏهن ته صوبائي حڪومت پاران وڏي وزير جي معاونت لاءِ صوبائي وزير امتياز شيخ، سعيد غني، جام اڪرام الله ڌاريجو، بئريسٽر مرتضيٰ وهاب، ڪمشنر ڪراچي اقبال ميمڻ، سيڪريٽري صحت ذوالفقار شاهه، سيڪريٽري توانائي ابوبڪر مدني شامل هئا. وفاقي وزير خواجه آصف وڏي وزير کي ٻڌايو ته آڪٽوبر 2022ع ۾ توانائي جي بچت لاءِ مختلف اپاءَ وفاقي ڪابينا آڏو پيش ڪيا ويا. خواجا آصف چيو ته وزيراعظم لاڳاپيل قدمن لاءِ ڪميٽي جوڙي هئي جنهن تي ڪميٽي توانائي جي بچت جي امڪاني قدمن جي نشاندهي ۽ حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ پنج اجلاس ڪيا. ڪميٽي جي سفارشن موجب وفاقي وزير دفاع چيو ته جيڪڏهن 20 سيڪڙو عملي کي هفتي ۾ هڪ ڀيرو گهر مان ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي ته ساليانو 56 ارب رپيا بچندا ۽ جيڪڏهن ڪمرشل مارڪيٽون رات جو 8 وڳي بند ڪيون وڃن ته ساليانو 56 ارب رپيا بچائي سگهبا جڏهن ته اسٽريٽ لائيٽن جي متبادل سوئچنگ جو جائزو ورتو وڃي ته ساليانو 4.5 ارب رپيا بچندا. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه دوري تي آيل وفاقي حڪومت جي ٽيم جا ٿورا مڃيندي روڊ ميپ بابت ڄاڻ ڏيندي چيو ته توانائي پيداوار جي هڪ يونٽ بدران توانائي جو هڪ يونٽ بچائڻ سستو عمل آهي. هن حقيقت کي محسوس ڪندي ته توانائي جي ڪارڪردگي سڌارڻ ۽ بچت ڪرڻ ملڪ جي توانائي واري شعبي جي مضبوط ڪرڻ لاءِ سڀ کان آسان ۽ گهٽ لاڳت وارن طريقن مان هڪ آهي. وڏي وزير چيو ته مجموعي طور سنڌ صوبو ۽ سندس شهري مرڪز خاص طور تي ڪراچي ۾ معيشت جي اهم شعبن جهڙوڪ صنعت، تعميرات، ٽرانسپورٽ، توانائي، بجلي ۽ پيٽروليم ۽ زراعت جي شعبن ۾ توانائيءَ جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ جي وڏي گنجائش موجود آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته لاپائيتي صلاحيتون سنڌ کي قومي سطح تي EE&C جا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. وڏي وزير انڪشاف ڪيو ته سندس حڪومت، فيڊرل NEECA ايڪٽ 2016ع جي شقن تي عمل ڪندي تازو NEECA ايڪٽ جي شقن تي مناسب رابطن، سهولتڪاري ۽ عملدرآمد لاءِ "سنڌ انرجي ايفيشينسي اينڊ ڪنزرويشن ايجنسي" نالي هڪ فل ٽائم ايجنسي قائم ڪئي آهي. مراد علي شاهه چيو ته سرڪاري عمارتن ۾ ڏينهن جي وقت بجلي جي ضرورت کي محسوس ڪندي سنڌ صوبو هيستائين 265 صحت جي مرڪزن کي سولرائيز ڪيو آهي ۽ هلندڙ مالي سال ۾ ترقياتي منصوبن ذريعي اسڪولن، اسپتالن، واٽر پمپنگ اسٽيشنن ۽ جيلن کي سولر ڪيو ويندو. هن اجلاس کي ٻڌايو ته ان سان نيشنل گرڊ جي بجلي تي اسان جو دارومدار گهٽجي رهيو آهي. اجلاس ۾ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ کانپوءِ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته سمورن اسٽيڪ هولڊرن خاص ڪري واپارين، صنعتڪارن، ريسٽورنٽ مالڪن ۽ ٻين کي پنهنجي پنهنجي پاران وزيراعظم ۽ وڏو وزير اعتماد ۾ وٺندا ته جيئن سندن تعاون کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 05

جا سبب سامهون اچي ويا آهن. ڪيترين ئي ڪوششن جي باوجود پي ڊي ايم کي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ ۾ سخت پريشانيون پيش اچي رهيون آهن. گورنر طرفان نوٽيفڪيشن جاري نه ٿيڻ جون مختلف حقيقتون سامهون اچي ويون آهن پي ڊي ايم جي ليگل ٽيم پنجاب جي گورنر کي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي کي عهدي تان هٽائڻ کان روڪي ڇڏيو قانوني ماهرن جي راءِ موجب آئين تحت جيستائين پنجاب جو وڏو وزير اعتماد جو ووٽ وٺڻ کان انڪار نٿو ڪري تيستائين نوٽيفڪيشن جاري نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ضروري قانوني طريقو اختيار نه ڪيو ويندو ۽ ڊي نوٽيفاءِ ڪيو ويو ته عدالت وڏي وزير کي فوري طور تي رليف ڏئي ڇڏيندي. قانوني ماهرن تجويز ڏني آهي ته پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر جي رولنگ آئين جي ابتڙ آهي. ڀهريان ان کي عدالت ۾ چئلينج ڪيو وڃي. آئيني ماهرن راءِ ڏني آهي ته پنجاب اسيمبلي جو اجلاس گهرايو وڃي ها ۽ ان ۾ وڏو وزير اعتماد جو ووٽ نه وٺي ها ته قصوروار وڏو وزير ٿي هجي ها. اجلاس منعقد ناهي ٿيو ته نه وڏي وزير کي ڪيئن ڊي نوٽيفاءِ ڪري سگهجي ٿو اهڙي صورتحال ۾ اسپيڪر خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي وڏي وزير خلاف نه اهڙي صورتحال کان پوءِ پنجاب جي گورنر وڏي وزير کي عهدي تان هٽائڻ جي معاملي تي قانوني ماهرن کان وڌيڪ صلاح مشوري جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اسپيڪر خلاف آئيني ۽ قانوني ڪارروائي تي غور جي لاءِ ليگي اڳواڻن سان صلاح مشورا جاري آهن.

بقايا 06

ڏنو اسان جو ملڪ ڏهڻ ۾ ڦاسي پيو آهي. اسان جي ٻن صوبن ۾ حڪومت آهي. ان باوجود اسان اليڪشن جو مطالبو ڪري رهيا آهيون عمران خان چيو ته جڏهن اسان جي حڪومت ڪيرائي وئي. تڏهن ترقي جي شرح سڀ کان وڌيڪ هئي. پي ٽي آءِ حڪومت کي هڪ شخص ڪيرايو. مان سڀني ادارن، اسٽيبلشمينٽ، عدليه سان مخاطب آهيان. هي اسان سڀني جي گڏيل جنگ آهي. ها هن جنگ ۾ آهي ماڻهو شريڪ ناهن. جن جو پئسو پرڏيهه ۾ پيل آهي اڳوڻي وزيراعظم چيو ته هڪ ماڻهو دشمني ڪئي. 70 سيڪڙو پاڪستاني چون ٿا ته مسئلن جو حل شفاف چونڊون آهن. پر هڪ شخص پاڪستان تحريڪ انصاف کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پهريان ڪيسز ذريعي مونکي آئوٽ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ناڪام ويو ته مونکي قتل ڪرائڻ جي رٿابندي ڪئي ۽ حملو ڪرايو عمران خان چيو ته پي ٽي آءِ جي عوامي حڪومت کي ڪيرائي چورن کي تخت تي ويهاريو ويو آهي. اسان اهڙو رويو اختيار ڪيو ويو ته جڻ اسان کي غدار آهيون تحريڪ انصاف جي چيئرمين چيو ته ملڪ ۾ ٽيڪس وصولي گهٽ ٿي رهي آهي. اسان جي حڪومت ۾ ڪورونا باوجود صنعت ترقي ڪري رهي هئي. ايڪسپورٽ وڌي رهي هئي. پر اڄ انڊسٽريز بند ٿي رهي آهي. مزدور بيروزگار ٿي رهيا آهن. ڊالر گهٽجي رهيا آهن. قرض وڌي رهيا آهن. قرضن جون قسطون ادا ڪرڻ لاءِ ڊالر به ناهن. اميدون ختم ٿي رهيون آهن. اسان جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد ساڍا 7 لک پاڪستاني ملڪ ڇڏي ويا

بقايا 07

بلوچستان جي عوام سان هيٺين سطح تي رابطا وڌائڻ جي ضرورت آهي. ريڪوڊڪ سميت ٻيون رٿائون بلوچستان کي مختصر وقت ۾ خوشحال بڻائي سگهن ٿيون. صدر وڌيڪ چيو ته پنهنجا توازي ۽ ڪريشن جو خاتمو. ميرٽ ۽ شفافيت کي هٿي ڏيڻ قوم جي تعمير لاءِ ضروري آهي. ماضي جي غلطين مان سبق سکڻ. ذاتي مفادن ۽ انا کي ترڪ ڪرڻ چاهيون ٿا. سياسي استحڪام ۽ پاليسين جو تسلسل مالي، سماجي ۽ اقتصادي استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ. واپار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيئي پوندي. سمورا اسٽيڪ هولڊرز پنهنجي انا ۽ انتهائي رويي کي هڪ پاسي رکي، عظيم قومي مفادن کي اهميت ڏين.

بقايا 08

ٽئڪس ڊيٽا ليڪ ٿيڻ واري معاملي تي ٻڌائي ٿي. ان سلسلي ۾ جوابدارن شهزاد نياز، ارشد علي ۽ عديل اشرف کي اسپيشل مجسٽريٽ عمر شبير جي روبرو پيش ڪيو ويو. جوابدارن جا وڪيل ۽ جاچ آفيسر رڪارڊ سميت عدالت ۾ پيش ٿيا. عدالت ٽنهي جوابدارن جو ٻن ڏينهن جو رمانڊ منظور ڪندي کين پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر ٻڌايو ته جوابدار شهزاد نياز ٻين ٻن شريڪ جوابدارن کي پئسن عيوض رڪارڊ وڪرو ڪيو. شريڪ جوابدارن ايف بي آر جو رڪارڊ صحافي کي وڪرو ڪيو.

بقايا 09

هيڊ ڪوارٽرز تي اڏاوتي ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته صوبي ۾ سي ٽي ڊي جي ضلعي آفيسز به موجود نه آهن ۽ سي ٽي ڊي سينيئر پوليس آفيسرن جي ڪوٽ کي به منهن ڏئي رهي آهي. سي ٽي ڊي اهلڪارن جي تربيت لاءِ اسڪول آهي نه ئي تربيتي عملو. جاچ اهلڪارن جو انگ وڌائڻ لاءِ ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل به نه آهي. ڪي پي حڪومت ڏانهن لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته سي ٽي ڊي صوبي ۾ سڀ جيلن ۽ عملي لاءِ هاسٽلز کان به محروم آهي ۽ سي ٽي ڊي اهلڪارن وٽ رڳو 46 گاڏيون آهن. قبائلي ضلعن ۾ سي ٽي ڊي جي فيلڊ اسٽاف وٽ هڪ گاڏي به نه آهي. سي ٽي ڊي طرفان لکيل خط جي متن ۾ چيو ويو آهي ته سي ٽي ڊي هيڊ ڪوارٽر قائم ڪرڻ لاءِ عمارت فراهم ڪئي وڃي ۽ ريجنل آفيسز تي ڪم جلد مڪمل ڪيو وڃي. ضلعن جي سطح تي سي ٽي ڊي آفيسز قائم ڪرڻ لاءِ به عمارتون ڏنيون وڃن. خط ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته سي ٽي ڊي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ڊي ايس پيز لاءِ بلٽ پروف گاڏيون ڏنيون وڃن. قبائلي ضلعن ۾ سي ٽي ڊي فيلڊ اسٽاف لاءِ به گاڏيون فراهم ڪيون وڃن ۽ سي ٽي ڊي جي سڪيا لاءِ ٽريننگ اسڪول قائم ڪيا وڃن. صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته سي ٽي ڊي جي عملي لاءِ هاسٽل ۽ قيدين کي رکڻ لاءِ سب جيلز قائم ڪيا وڃن.

بقايا 10

ذريعي رد عمل ڏنو ملالا يوسف زئي موجب طالبان افغانستان ۾ پهرين تمام تعليمي ادارا بند ڪري ڇڏيا هئا. هاڻي ڇوڪرين لاءِ يونيورسٽين جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن...

تي ٻڌڻي ٿي. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس ايڇ او پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جو موقف اختيار ڪندي چيو ته سردار علي گوهر، راجا مهر ۽ ٻين سندس پائيٽي فدا عباس شاهه کي 2018ع ۾ اغوا ڪرايو هو. درخواستگذار عدالت کان استدعا ڪئي ته مغوي پائيٽي کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي. جنهن تي عدالت جي ڊي آءِ ايم پي اي علي گوهر مهر ۽ ٻين تي اغوا جو ڪيس داخل نه ٿيڻ تي عدالت پوليس آفيسرز کان سخت پڇائو ڪندي چيو ته ڇا ڪير ڪيس داخل ڪرائڻ ايندو آهي ته ان سان اهڙي قسم جو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي؟ سپريم ڪورٽ پوليس کي فوري طور ڪيس داخل ڪري مغوي کي بازياب ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ۽ پوليس آفيسرز کي عملدرآمد رپورٽ جمع ڪرائڻ جي هدايت پڻ ڪئي آهي.

بقايا 12

ميڊيا رپورٽس موجب پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان جو چوڻ آهي ته هن جيڪو حلف ورتو آهي ان جي قائم آهيان. وڏي وزير کي بچائڻ سندس ڪم ناهي. حڪومت جاتي ۽ سندس ڪم جاتي. هو ان ايوان جو ڪسٽوڊين آهي. هر ڪو پنهنجي آئيني دائري ۾ رهي ڪم ڪري، گورنر غيرقانوني آرڊر پاس نه ڪري، گورنر آئيني اداري جي نمائندگي ڪري رهيو آهي ته اسپيڪر به آئيني اداري جي نمائندگي ڪري رهيو آهي. پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر موجب گورنر خط لکي بي اعتمادي رٽ ۽ اعتمادي رٽ بابت لکيو آهي. پر پرويزالاهي تي الزامن جو تعلق گورنر سان ناهي. ڪنهن کي وزارت ڏيڻ يا نه ڏيڻ گورنر جو مسئلو ناهي. گورنر جاري اسيمبلي سيشن ۾ نئون سيشن نٿو گهرائي سگهي. گورنر جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو آهي. سبطين خان جو چوڻ آهي ته صدر کي خط لکڻ وارو معاملو اجا رڪي ڇڏيو آهي. جڏهن اهو وقت آيو ته موڪلي ڇڏيو. بي اعتمادي رٽ اچي چڪي آهي. ان جي پروسيس ۾ وقت لڳندو. ان تي اجا نوٽيس ٿيڻو آهي. بي اعتمادي رٽ پرووٽنگ کانپوءِ اسيمبلي ٽٽندي. ٻارن واري ڳالهه نه ڪن ۽ قانون کان هٽي ڪو ڪم نه ٿيندو. قانوني طور تي پنهنجي خلاف بي اعتمادي جيئر نٿو ڪري سگهان. سندن چوڻ هو ته اسان چاهيون ٿا اسيمبليون ٽوڙيون. اسان عوام وٽ وڃڻ چاهيون ٿا. جڏهن ته گورنر چاهي ٿو اسان عوام وٽ نه وڃون ان لاءِ رڪاوٽون ٿو وجهي. اسان ڏکيائن کي منهن ڏئي عوام ۾ ويندا سين.

بقايا 13

تي الزام لڳائيندو رهي ٿو شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي سرڪاري دوري جي خرچن جي حوالي سان سندس بيان بلڪل بي بنياد آهي. هن چيو ته عمران ڪرڙن ۽ هٿلوڪين انگن اکرن جا ثبوت سامهون آڻي يا معافي وٺي.

بقايا 14

خلاف هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو. درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو هو ته وفاقي سرڪار کي پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين جي اثاثن ۽ ملڪيتن تي ٽئڪس اوڳاڙڻ جو اختيار نه آهي. عدالت درخواستون رد ڪندي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ واري نظام کي درست قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا 15

عدالت اعظم سواتي جي ضمانت رد ٿيڻ بابت تفصيلي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته اعظم سواتي پنهنجي ٽوئيٽر اڪائونٽ تان رياستي ادارن خلاف مهم هلائي. هن پاڪ فوج جي آفيسرز خلاف بغاوت ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. عدالت جو چوڻ آهي ته اعظم سواتي رياستي ادارن خلاف بغاوت تي ٻڌل ٽوئيٽس ڪيترائي ڀيرا جاري ڪيا. هن عوام کي ادارن جي خلاف ڀڙڪايو عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته اعظم سواتي تي لڳل قلمن تحت ڪيس گهٽ ۾ گهٽ 7 سال ۽ وڌ کان وڌ عمر قيد جي سزا ملي سگهي ٿي. اعظم سواتي هڪڙو ئي ڏوهه بار بار ورجايو. تنهن ڪري سندس ضمانت واري درخواست خارج ڪئي وڃي ٿي.

بقايا 16

جي گورنر وڏي وزير کي ڪالهه تائين اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو چيو هو پر هن ڪالهه اعتماد جو ووٽ نه ورتو ان ڪري آئين تحت پرويز الاهي هاڻ پنجاب جو وڏو وزير نه رهيو آهي. پنجاب جي گورنر طرفان نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ صرف رسمي ڪارروائي آهي. هن چيو ته پنجاب جو گورنر آئين تحت پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪري رهيو آهي. جيئن ئي پنجاب جو گورنر آرڊر جاري ڪندو ان تي عمل ڪرائينداسين. فيصلي تي عمل نه ٿيڻ جي صورت ۾ گورنر وفاقي حڪومت کي صوبي ۾ گورنر راڄ لڳائڻ جو چئي سگهي ٿو گورنر هائوس ٻاهران پي ٽي آءِ وارن هنگامو ڪيو ته ان جو به بندوبست ٿيل آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو ته صدر ۽ وزيراعظم جي هدايتن کان سواءِ ڪو به ڪارروائي نٿو ڪري سگهي. نئين وڏي وزير جي چونڊ لاءِ گورنر کي شيڊول به ڏيڻو پوندو. راڻا ثناءالله چيو ته اسان چونڊن کان فرار ٿيڻ جي ڪا به ڪوشش ناهي ڪئي. اسان چونڊن جون تياريون ڪري رهيا آهيون. نوازشريف جي ملڪ واپسي لاءِ تاريخون ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان. نوازشريف اسان جو اڳواڻ آهي. هن کي جڏهن ملڪ واپس اچڻو هوندو هو پاڻ کي تاريخ ڏيندو. اسان سندس استقبال جون تياريون مڪمل ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 17

موجب پي ٽي آءِ جا 4 5 ايم پي ايز عمري تي ويا آهن. هڪ ايم پي اي پنهنجي پٽ جي ڪيموٿراپي لاءِ ويو آهي. اجلاس لاءِ وڌيڪ وقت ڏنو وڃي ته جيئن ايم پي ايز واپس اچن فواد چوڌري وڌيڪ چيو آهي ته پنجاب جي وڏي وزير خلاف بي اعتمادي رٽ ناڪام ٿيندي. جمعي تي عمل شروع ٿيندو ۽ هڪ هفتي ۾ مڪمل ڪيو ويندو هن چيو ته پرويز الاهي پنجاب جو وڏو وزير رهندو. گورنر راڄ نه لڳايو ويندو. پنجاب

بقايا

۽ ڪي پي ڪي جون اسيمبليون گڏ ٽوڙي وينديون.

بقايا 18

ته عدالت ۾ پيش ٿيندي 4 سال ٿي ويا آهن. جيڪو ٿيو اهو سڀني جي سامهون آهي. هن چيو ته اسان جي قيادت اسان کي قانون جو احترام ڪرڻ ۽ آزمائش کي منهن ڏيڻ سيکاريو آهي. آغا سراج دراني چيو ته اڳ ۾ به ڪيسن کي منهن ڏنو آهي اڄ به ڏئي رهيا آهيون. آصف زرداري سميت مون کي بس جي ڦرڪڻ جو ڪيس داخل ڪيو ويو. احتساب عدالت ۾ آمدني کان وڌيڪ ملڪيتون ناهڻ واري ريفرنس ڪيس ۾ آغا سراج دراني سميت ٻيا پيش ٿيا. عدالت ۾ آغا سراج دراني ضمانت جي لاءِ درخواست داخل ڪئي وقت نه هجڻ ڪري عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 24 ڊسمبر تي ملتوي ڪري وڪيل کي دليل ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 19

جي منظوري جي حوالي سان اسپيڪر سان ملاقات جو وقت گهريو هو قومي اسيمبلي جي اسپيڪر شاهه محمود قريشي جي خط جو جواب ڏئي ڇڏيو آهي جنهن ۾ هن چيو آهي ته قومي اسيمبلي ميمبرن کي استعيفائن جي تصديق لاءِ ڌار ڌار گهرايو ويندو جوابي خط ۾ قومي اسيمبلي جي رول 43 جو حوالو به ڏنو ويو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته اسپيڪر کي اهو اطمينان ڪرڻو آهي ته استعيفائون رضاڪارانه ۽ اصل آهن ميمبرن جي لاءِ ضروري آهي ته هو استعيفائن جي مٿان تاريخ لکن. جيڪڏهن استعيفائن تي تاريخ لکيل نه هوندي ته ان تي استعيفائون جمع ڪرائڻ جي تاريخ لکي ويندي. خط ۾ چيو ويو آهي ته 11 اپريل تي جمع ڪرايل استعيفائن جي تصديق لاءِ 30 مئي تي خط لکيو ويو 6 کان 10 جون تائين جو وقت ڏنو ويو. هرڏانهن ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ ميمبر اڄ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر آڏو پيش نه ٿيندا. تحريڪ انصاف استعيفائن جي منظوري لاءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪندي. ذريعن موجب سپريم ڪورٽ جي راءِ کان پوءِ پي ٽي آءِ جا استعيفيٰ ڏيندڙ ميمبر استعيفائن جي تصديق لاءِ پيش ٿيندا. ياد رهي ته پي ٽي آءِ جي ايم اين ايز اڄ اسپيڪروٽ پيش ٿيڻ جو اعلان ڪيو هو.

بقايا 20

راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ اسلام آباد جي مقامي حڪومت ترميمي بل 2022ع منظور ڪيو ويو آهي. بل تحت اسلام آباد جي مقامي چونڊن ۾ يونين ڪائونسلز جو انگ 125 ڪيو ويو آهي. بل جي منظوري کان اڳ يونين ڪائونسلز جو انگ هڪ سئو هو. بل جي متن موجب اسلام آباد مقامي حڪومت بل فوري طور لاڳو ٿيندو. بل موجب اسلام آباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ سڌي ريت ٿيندي. ميئر ۽ ڊپٽي ميئر لاءِ هڪ ئي ووٽ ڪاسٽ ٿيندو ۽ سيٽ خالي ٿيڻ تي ٻيهر سڌي سنئين چونڊ ٿيندي. سڌي سنئين چونڊ لاءِ ووٽنگ يونين ڪائونسل جي اليڪشن واري ڏينهن ٿي ٿيندي. ان کانسواءِ قومي اسيمبلي ۾ وفاقي ملازمن بينوولنٽ فنڊ گروپ انشورنس ايڪٽ ۾ وڌيڪ ترميم وارو بل به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو آهي.

بقايا 21

رد ڪري ڇڏيون. 30 ڄڻن وفاقي حڪومت طرفان پرڏيهه ۾ ملڪيتن تي ٽئڪس لڳائڻ خلاف هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو هو. درخواستگذارن موقف اختيار ڪيو هو ته وفاقي سرڪار کي پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين جي اثاثن ۽ ملڪيتن تي ٽئڪس اوڳاڙڻ جو اختيار نه آهي. عدالت درخواستون رد ڪندي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ واري نظام کي درست قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا 22

آباد ۾ شهباز گل خلاف بغاوت تي ڀڙڪائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ايڊيشنل سيشن جج طاهر عباس سپرا ڪئي. شهباز گل جي وڪيلن طرفان اڄ حاضري کان ڇوٽ جي درخواست داخل ڪئي وئي جنهن تي اسپيشل پراسيڪيوٽر راجا رضوان عباسي چيو ته شهباز گل طرفان غيرسنجيدا رويي جو مظاهرو ڪيو ويو آهي. اسپيشل پراسيڪيوٽر چيو ته شهباز گل جي حاضري کان ڇوٽ واري درخواست نه پر عدالت سان مذاق ڪيو پيو وڃي. غير حاضري تي شهباز گل جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا وڃن. شهباز گل جي وڪيل شهريار طارق عدالت کي ٻڌايو ته جسماني رمانڊ دوران سندس اصيل جو طبي معائنو ڪيو ويو. طبي معائنتي ۾ شهباز گل جي بيماري جي تصديق ٿي. ٽرائل ۾ دير لاءِ شهباز گل جي بيماري جي ڳالهه نه پئي ڪئي وڃي. شهباز گل کي هڪ کان وڌيڪ صحت جا مسئلا آهن. سرڪاري اسپتال جي طبي رپورٽ جي بنياد تي شهباز گل کي حاضري کان ڇوٽ ملي، هو اڄا به اسپتال ۾ موجود آهي. ميڊيڪل رپورٽ پٽاندڙ شهباز گل دم جو مريض آهي ۽ ست ڊسمبر کان اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي. ميڊيڪل رپورٽ موجب شهباز گل کي آڪسيجن ماسڪ استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. وڪيل شهريار طارق وڌيڪ چيو ته عدالتي ڪارروائي کان نه ڀيا پچون. اسپتال به جيل جيان ئي آهي. شهباز گل کي اڄ حاضري مان ڇوٽ جي درخواست منظور ڪئي وڃي. صحت بهتر ٿيڻ تي ايندڙ ٻڌڻي تي شهباز گل عدالت ۾ پيش ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته شهباز گل ماضي ۾ به عدالت آڏو پيش ٿيندو رهيو آهي. شهباز گل جي صحت ڪيس نلحال عدالت ۾ پيش ٿيڻ جي اجازت نه ڏئي رهي آهي. جج ٻچائو ڪيو ته لاهور ۾ ڪوهيڙي جو مسئلو آهي. شهباز گل پمز اسپتال اچي علاج چو نٿو ڪرائي؟ جنهن تي سندس وڪيل ٻڌايو ته شهباز گل جي اسلام آباد ۾ ڪا رهائش ناهي. شهباز گل جي فيملي ٻڌائي ته جوابدار جو آڪسيجن ليول ۽ هيٺ مٿي ٿيندو رهندو آهي. ايڊيشنل جج سوال ڪيو ته شهباز گل کي ڪيترن ڏينهن جو آرام تجويز ڪيو ويو آهي؟ جنهن تي سندس وڪيل ٻڌايو ته خبر ناهي ته ڪيترن ڏينهن تائين آرام جو مشورو ڏنو ويو آهي. جج رمارڪس ڏنا ته ٽرائل کي لامحدود وقت تائين لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيون. ڪيترن ڏينهن جي آرام جو ٻڌايو ويو آهي؟ وڪيل چيو ته جيڪڏهن رستي ۾ شهباز گل کي ڪجهه ٿي ويو ته مان ڪيس نه اچڻ جو مشورو ڏيندس. جج طاهر عباس سپرا چيو ته ضمانت ملڻ کانپوءِ ته شهباز گل بلڪل تندرست نظر آيو. شهباز گل سمورين سياسي سرگرمين ۾ حصو ورتو. ظاهري طور لڳي رهيو آهي ته شهباز گل ٽرائل اڳتي وڌائڻ نٿو چاهي؟ عدالت چيو ته شهباز گل جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا وڃن ٿا. شهباز گل کي ٻن لکن رپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائي ۽ ايندڙ ٻڌڻي تي حاضري يقيني بڻائي ڪيس جي ٻڌڻي ڇهه جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي.

بقايا 23

ڪارروائي ڪئي وڃي. هن سيڪريٽري خوراڪ سنڌ کي معاملي جي جاچ ڪرڻ جي به هدايت ڪئي آهي. خوراڪ واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا سيڪريٽري فوڊ ۽ ڊائريڪٽر فوڊ کي وڌيڪ هدايت ڏيندي چيو آهي ته حيدرآباد سميت پوري سنڌ ۾ سستي اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ جنرل اسٽورن تي به سستو اٽو فراهم ڪيو وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي سستي اٽي جي فراهمي کي يقيني بڻائي رهي آهي. مهانگو اٽو وڪرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. مڪيش ڪمار چاولا چيو ته سنڌ حڪومت صوبي جي عوام کي سستو اٽو فراهم ڪرڻ لاءِ سڄي صوبي ۾ مرڪز قائم ڪيا آهن. جنهن جا وڏي پيماني تي اشتهار ڏنا ويا آهن ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو ان سهولت مان فائدو وٺي سگهن.

بقايا 24

خبرون ڪوڙيون ۽ حقيقتن جي ابتڙ آهن. گرفتاري جي سوال تي ڪنهن سنجيده صحافي کان اهڙي اميد نه هئي. پرڏيهي ترجمان ٻڌايو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري 6 مهينن دوران 16 ملڪن جا دورا ڪيا جن ۾ پرڏيهي وزير سعودي عرب، متحده عرب امارات، چين، سوئٽزرلينڊ، ترڪي، ازبڪستان، آمريڪا، جرمني، مصر، انڊونيشيا، سينگاپور ۽ ڪمبوڊيا جو به دورو ڪيو. افغانستان بابت سوال تي ترجمان چيو ته افغانستان ۾ عورتن جي تعليم تي پابندي قبول ڪرڻ جوڳي نه آهي. والاريل ڪشمير تي ممتاز زهره بلوچ چيو ته ڀارت ڪافي وقت کان ڪشميرين کي ظلم جو نشانو بڻائي رهيو آهي. ڪشميرين کي پنهنجا حق ڏيڻ کان سواءِ امن قائم نٿو ٿي سگهي

بقايا 25

فاروقي، واپار واري وزارت جو ڊي جي ايگرو پراڊڪٽس ۽ ٻيا لاڳاپيل نمائندا موجود هئا. ملاقات دوران وفد ۾ ريپ جو اڳوڻو چيئرمين ميان صبيح الرحمان، سينيئر وائيس چيئرمين ريپ حسيب علي خان، ميمبر ايم سي ريپ فواد حامد غريب ۽ چوڌري نثار شامل هئا. سميع الله نعيم، سي جنرل ريپ ڪاشف الرحمان ۽ ٻيا. ملاقات ۾ واپار واري وفاقي وزارت جي نمائندن کي چانورن جي برآمد ڪندڙن کي درپيش مسئلن بابت تفصيلي سان آگاهه ڪيو ويو. بجلي ۽ گئس جي فراهمي سميت ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ريپ جي سي ڊي ايف بورڊ ۾ نمائندگي ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان دوران ڳالهائيندي ريپ جي چيئرمين چيلارام ڪيولاڻي چيو ته . پاڪستان ۾ ٻين سڀني ڪاروبارن کي صنعت جي حيثيت حاصل آهي. چانورن جي ڪاروبار کي به صنعت جو درجو ڏنو وڃي ڇاڪاڻ ته چانورن جو ڪاروبار پاڪستان جي معاشي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو اسان جو مشن پاڪستان جي تعمير ۽ ترقي آهي

بقايا 26

راجا پرويز اشرف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ اسلام آباد جي مقامي حڪومت ترميمي بل 2022ع منظور ڪيو ويو آهي. بل تحت اسلام آباد جي مقامي چونڊن ۾ يونين ڪائونسلز جو انگ 125 ڪيو ويو آهي. بل جي منظوري کان اڳ يونين ڪائونسلز جو انگ هڪ سئو هو. بل جي متن موجب اسلام آباد مقامي حڪومت بل فوري طور لاڳو ٿيندو. بل موجب اسلام آباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي چونڊ سڌي ريت ٿيندي. ميئر ۽ ڊپٽي ميئر لاءِ هڪ ئي ووٽ ڪاسٽ ٿيندو ۽ سيٽ خالي ٿيڻ تي ٻيهر سڌي سنئين چونڊ ٿيندي. سڌي سنئين چونڊ لاءِ ووٽنگ يونين ڪائونسل جي اليڪشن واري ڏينهن ٿي ٿيندي. ان کانسواءِ قومي اسيمبلي ۾ وفاقي ملازمن بينوولنٽ فنڊ گروپ انشورنس ايڪٽ ۾ وڌيڪ ترميم وارو بل به اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو آهي

بقايا 27

امجد خان مهيسر، ڊاڪٽر غلام سرور خشڪ، مومن سمون، ديدار شار، ڊاڪٽر اظهر سومرو گڏيل مرڪزي پڙاڻي ۾ چيو آهي ته سنڌ جي وحدانيت خلاف سازش ڪندڙ ڪرپٽ حڪمران ٽولو سرگرم آهي. سنڌ ۾ بحريا ٽائون جهڙا منصوبا، تيزي سان ڌارين جي آبادي ڪرڻ آهي سڀ سنڌ جي وحدانيت خلاف ڪڙيون آهن. اهڙي صورتحال تي سنڌي قوم وٽ سواءِ جدوجهد جي ٻيو ڪو به رستو نه بچيو آهي. هنن چيو ته 17 جنوري تي ء رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي 119 هين سالگرهه جي موقعي تي سن ۾ قومي جلسو ڪيو ويندو. جنهن ۾ سنڌ جي موجوده جاگرافيائي وحدت خلاف ٿيندڙ سمورن سازشن خلاف رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي فڪر روشني ۽ شهيد بشير خان قريشي جي اختيار ڪيل جدوجهد جي رستي تي هلي سنڌ جو وجود بچائڻ لاءِ منظم جدوجهد جي شروعات جو اعلان ڪنداسين. مرڪزي پڙاڻي ۾ ٻوڙ متاثرن جي مالڪي لاءِ جدوجهد به پڻ اعلان ڪيو ويندو. مرڪزي پڙاڻي ۾ جسقم جامشورو تعلقي جي چيف آرگنائيزر عابد جمالي کي ڪنيي گر ڪرڻ تي اڳواڻن چيو آهي ته عابد جمالي جسقم جو اڳواڻ آهي. جيڪو رڪشا هلائي پورهيو ڪندڙ آهي. جنهن کي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 28

آهي. جڏهن ته اسلام آباد پوليس ڪيس جو چالان عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. ياد رهي ته عمران خان اسلام آباد ۾ جلسي دوران عورت جج کي ڌمڪي ڏني هئي جنهن کان پوءِ هن عدالت کان معافي به گهري هئي. چيئرمين پي ٽي آءِ عورت جج جي عدالت ۾ پيش ٿيو هو جتي هن عدالتي عملي کان عورت جج کي سندس معافي بابت آگاهه ڪرڻ جو چيو هو

بقايا 29

جا سبب سامهون اچي ويا آهن. ڪيترين ئي ڪوششن جي باوجود پي ڊي ايم کي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ ۾ سخت پريشانيون پيش اچي رهيون آهن. گورنر طرفان نوٽيفڪيشن جاري نه ٿيڻ جون مختلف حقيقتون سامهون اچي ويون آهن پي ڊي ايم جي ليگل ٽيم پنجاب جي گورنر کي پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي کي عهدي تان هٽائڻ کان روڪي ڇڏيو قانوني ماهرن جي راءِ موجب آئين تحت جيستائين پنجاب جو وڏو وزير اعتماد جو ووٽ وٺڻ کان انڪار نٿو ڪري تيستائين نوٽيفڪيشن جاري نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن ضروري قانوني طريقو اختيار نه ڪيو ويندو ۽ ڊي نوٽيفاءِ ڪيو ويو ته عدالت وڏي وزير کي فوري طور تي رليف ڏئي ڇڏيندي. قانوني ماهرن تجويز ڏني آهي ته پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر جي رولنگ آئين جي ابتڙ آهي. ڀهريان ان کي عدالت ۾ چئلينج ڪيو وڃي. آئيني ماهرن راءِ ڏني آهي ته پنجاب اسيمبلي جو اجلاس گهرايو وڃي ها ۽ ان ۾ وڏو وزير اعتماد جو ووٽ نه وٺي ها ته قصوروار وڏو وزير ٿي هجي ها. اجلاس منعقد ناهي ٿيو ته نه وڏي وزير کي ڪيئن ڊي نوٽيفاءِ ڪري سگهجي ٿو اهڙي صورتحال ۾ اسپيڪر خلاف قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي وڏي وزير خلاف نه اهڙي صورتحال کان پوءِ پنجاب جي گورنر وڏي وزير کي عهدي تان هٽائڻ جي معاملي تي قانوني ماهرن کان وڌيڪ صلاح مشوري جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اسپيڪر خلاف آئيني ۽ قانوني ڪارروائي تي غور جي لاءِ ليگي اڳواڻن سان صلاح مشورا جاري آهن.

بقايا سنڌيار 01

آندو ويو جتي علاج جي بهتر سهولت نه هجڻ سبب فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد زخمي ماجد علي لاشاري کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جو ڪيس آخري اطلاع تائين داخل نه ٿي سگهيو نه وري ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي پوليس موجب وارث جڏهن ايندا ڪيس داخل ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 02

اڳيان داهيندي چيو ته منهنجي ڳوٺ جا رهواسي خميسو، احمد، مجيد، غفور شڪور حسن، اڪبر، فاروق بچايو عليناواز پرڳڙي وارن مونتي ۽ منهنجي ماءُ تي بنا ڪنهن ڏوهه جي حملو ڪيو جنهن ۾ منهنجي گهرواري سلمه جي نڪ جي هڏي ٽٽي پئي ۽ ماءُ کي به ڌڪ لڳا جنهن جو ڪيس ڪورٽ سگهوري ۾ هلندڙ آهي. جنهن بعد مٿي ڄاڻايل خميسو پرڳڙي منهنجي خلاف زمين تي قبضي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي جيڪو جج اهو رد ڪري ڇڏيو. هن چيو ته ٻاهر مونکي موت مارڏمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ منصوبو جوڙي رهيا آهن ته مونکي ڪنهن نه ڪنهن ڪيس ۾ ڦاسائي نڪ جي هڏي ٽٽڻ واري ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. مونکي انهن ماڻهن مان جان جو خطرو آهي. هن ايس پي سجاول ايس ايڇ او چوهڙجمالي کي مطالبو ڪندي چيو ته انهن ماڻهن تي قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

شاگردن لاڙڪاڻو بورڊ جي فيصلي کي رد ڪندي مطالبو ڪيو ويو ته خيرپورناٿن شاهه جي ٻڌيل شاگردن مٿان امتحاني فيس ختم ڪئي وڃي، ۽ هائي ڪورٽ جي فيصلي تي عمل ڪيو وڃي ... احتجاج ۾ آئيڊيل پبلڪ هاءِ اسڪول جي شاگردن به شرڪت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ويو ته شاگردن مٿان امتحاني فيس ختم ڪيا وڃن ..! ۽ شاگردن جي تعليم کي بچايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ هائي وي بند ڪيو ويندو ۽ پنهنجي جدوجهد کي سگهارو ڪري بورڊ خلاف هڪ آواز بلند ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 04

ڏينهن آفيس ۾ ۽ اسڪول وزٽ ڪيا ويندا ۽ خاص طور اسڪولن ۾ استادن جي حاضري کي بهتر ڪيو ويندو ٽايمنگ جي حوالي سان استادن کي پابند ڪيو ويندو ۽ پڙهائي جي حوالي سان اسڪولن ۾ بهتري آڻي نيائين جي تعليم کي بهتر ڪيو ويندو - سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري جي مشن تحت اسڪولن ۽ تعليم ۾ سڌارو آڻڻ جي ڪوشش جاري رهندي- ڪافي اسڪول برساتن جي ڪري خراب حالت ۾ آهن انهن جي ريپيئر لاءِ مٿي لکيو ويندو ۽ اسڪولن ۾ فرنيچر جي پورائتي لاءِ بهتر قدم کنيا ويندا-

بقايا سنڌيار 05

پوليس ڦورن پويان ڪڍ لڳي پئي جنهن کي پوليس جي ناڪابندي ڪرڻ کان پوءِ مدئجي شهر جندوديرو وارهه پل پرسان مقابلي بعد مغوي کي ٽريڪٽر سميت بازياب ڪرائي ورتو مقابلي دوران 2 ڪلاڪ فائرنگ جاري رهي جنهن بعد ڦورو ٽريڪٽر ۽ ڊرائيور احمد نواز جروار کي ڇڏي ڪچي فرار ٿي ويا پوليس ۽ ڳوٺاڻن ٽريڪٽر ۽ ڊرائيور ڇڏائي ورتو بازياب ڪرايل مغوي احمد نوازجروارجي والد فقير غلام مرتضي' جروار ,سنڌس چاچي ساجد حيدري جروار چيو ته اسان نهايت ئي شڪر گذار آهيون ڊي ايس پي نئون ديرو فدا حسين لانگاهه ايس ايڇ او ڳڙهي خدا بخش پٽو نثار احمد بروهي ,وڏي منشي مقصود علي پٽو، آئي سي سٽي نئون ديرو دبنگ خليل احمد لغاري جن جا جن رات ڳڙهي خدا بخش پٽو ٿاڻي جي حد مان ڦر تيل ٽريڪٽر ۽ اغوا ٿيل ڊرائيور کي ڀرپور ڪوشش سان پوليس ۽ چورن جي سخت مقابلي کان پوءِ جندوديرو وٽ مدئجي ٿاڻي جي حد مان آزاد ڪرايو.اسان پي پي پي جي ضلعي اڳواڻ اعجاز احمد لغاري ۽ مقامي اڳواڻن جا به شڪر گذار آهيون جن اسان جي ڀرپور مدد ڪئي.

بقايا سنڌيار 06

مڻ تي 2 ڪلو گهٽ ڏيڻ لڳا شهري پاران ويڊيو رڪارڊ ڪرڻ تي فلور مالڪن جون منٿون تور پوري ڪري ڏني وڃي 4400 روپيا مڻ جي حساب سان اڌ مڻ جا 2200 ورتا ويا جڏهن ته اٽو 19. ڪلو ڏنو ويو / شهري اسلام ڪوٽ: فلور مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر سميت انتظاميا فلور مالڪن خلاف ڪا ڪاررواِيي نه ڪيي

بقايا سنڌيار 07

ماڇي کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي آندو جنهن مان هاشم ماڇي جي ٽيل چوري واپس ڪرائي ورتي شيخ پرڪيو پوليس جي اهڙي عمل کي ساراهيندي شيخ پرڪيو واسين عبدالرحيم شيخ شاهه مريد ڍهيو گل محمد شيخ عبدالرزاق ڍهيو ۽ هاشم ماڇي پاران ايس ايڇ او شيخ پرڪيو رياض بجاراڻي وڏو منشي محمد اسماعيل ابڙو ۽ پوليس جمعدار ڪريم بخش نظاماڻي کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪري داد ڏنو ان موقعي تي ايس ايڇ اوپرڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ امن امان بحال رکڻ پوليس جو فرض آهي پران سان گڏ سول سوسائٽي کي پڻ ساٿ ڏيڻ گهرجي چاڪاڻ ته شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حدن ۾ 4 ضلعن جو بارڊر آهي جتي ڏوهن کي ڪنٽرول ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي ان هوندي به اسان پنهنجي ٿاڻي جي حدن ۾ ٿيندڙ ڦرن چورين کي روڪڻ لا مڪمل ڪوشش ڪري رهيا آهيون اسان پوليس جو گشت پڻ وڌائي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 08

ڪئي وئي ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر دلدار لغاري، اوپايو جوٽيجو، وڪيل ديال صحرائي، وڪيل ديوتراءِ، پارو ڪولهي، فضل نهڙي، ڪرشن ميگهواڙ ۽ لڪميچند پيل ڪئي. مرڪزي صدر لال جروار ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ هتي جي زمينن تي زوري قبضا ڪيا ويا انهن تي اينيمي پراپرٽي ۽ اويڪيو پراپرٽي جهڙا ڏنا ويا. انهن کي وري ٻاهرين ماڻهن کي ڏنيون ويون اهو غلط ٿيو آهي. هن چيو ته هن ملڪ ۾ خاص طور تي سنڌ ۾ اسين محفوظ ناهيون. هارين جون زمينون محفوظ ناهن. هر دور ۾ سنڌ تي يلغارون ڪڙڪايون ويون آهن هينئر جيڪا يلغار آهي اها سڀ کان خطرناڪ آهي انهي خلاف اٿي ڪڙا ٿيو. هينئر پ پ فيصلا ڪيا آهن تن ۾ وڏن شهرن جا ميئر ايم ڪيو ايم دهشتگردن جا هوندا. معدني وسيلا آئين ۾ ترميم ڪري وفاق حوالي ڪيا آهن. آرڪائيو ڪاتو اقتدار جي لالچ ۾ اچي چوڌري شجاعت جي ويجهي ساٿي طارق حسين کي ڏنو ويو آهي. جڏهن ته ڀهريون دفعو ڪشميرين کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ لاءِ ڪشميري پارليامينٽيرين عبدالغفار لون کي سنڌ ڪابينا ۾ شامل ڪري ڪيس سنڌ ۾ رهندڙ ڪشميرين جي مسئلن جو قلمدان ڏنو ويو آهي. ٻئي پاسي سنڌ کي ٻوڙي تباهه ۽ برباد ڪري پاڻي جي قدرتي لنگهن تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي لاءِ سياحت ۽ ثقافت کاتي طرفان هاڪڙو ڪانفرنس ۽ شيخ اياز جي ڏيهاڙن جي نالي محفلون ڪري پاڻ تي ڪوڙي سنڌ دوستي جو چوغو پارايو ويو. پ پ سڄي ساموندي پٽي تي قبضو ڪري سڄي دنيا مان دهشتگرد ۽ ڪرمنل ڏوهاري گهرائي سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪري نئون اسرائيل ٺاهڻ جي رٿا تي عمل ڪري رهي آهي پر سنڌ جو باشعور عوام سمورن سنڌ دشمن منصوبن کي پرامن جمهوري جدوجهد وسيلي ناڪام بڻائيندو. دلدار لغاري ڳالهائيندي چيو ته هارين جي زندگي تباهه آهي، جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي. انهن جي زندگي ۾ ڪو به سڌارو نه آيو آهي. هتي جا هاري پيٽ گذر ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهن. نه اهي تعليم ۽ سٺي صحت ڪيئن پرائين. هارين جي زمينن تي جاگيردار قابض آهن انهن جاگيردارن خلاف اسين جدوجهد ۾ آهيون. اوپايو جوٽيجو ڳالهائيندي چيو ته ٿر جي هارين سان وڏيرن جيڪي ظلم ڪيا آهن انهن جي ڏکهي تاريخ آهي. عوامي تحريڪ هر دور ۾ انهن وڏيرن ۽ جاگيردارن خلاف جدوجهد ڪئي آهي. ايڊوڪيٽ ديال صحرائي ڳالهائيندي چيو ته جيڪي وڏيرا سٺا نعرا هڻي،ڊراما ڪري هتان کان ووٽ وٺي ويا انهن اسيمبلين ۾ مينڊيٽ کي وڪرو ڪيو آهي، اسان جي ڪارونجهر کي وڪرو ڪيو آهي. زمينون وڪرو ڪيون آهن. ڪمپنين سان ملي هتي جو سڄو ماحول تباهه ڪرڻ جو ٺيڪو ڏنو آهي. اتي اسيمبلين ۾ سنڌ دشمن بل پاس ٿيڻ وقت ٺڏيون پيا ڪن. جاگيردار ۽ سينيا پاڻ ۾ ملي. فصلن ۾ ملاوت اسان جي فصلن جا اگهه ڪيرائين ٿا. ايڊوڪيٽ ديوتراءِ تقرير ڪندي چيو ته ٿر مان ايڏي ساري معدنيات نڪري پئي پر ٿر جي هاري جي زندگي ۾ ڪا به خوشحالي نه آئي آهي. ٿرجي هارين کان وڏيرا ۽ روينيو آفيسر ملي پڳٽ ڪري هٿ ٺوڪيون غير قانوني ۽ ڳٺڙي ٽوڙ ڊلون وٺن ٿا. ۽ هارين کي

انهي دل جي ڪا به رشيد نٿا ڏين. زمينن تي سرمائيدار ۽ جاگيردار قبضا جمائي ويٺا آهن! اسان جو مطالبو آهي ته فصلن جا اگهه سرڪاري سطح تي وڏيڪ مقرر ڪيا وڃن ۽ سرڪاري منڊي لڳائي ورتا وڃن. ڪمپنين ۾ ترجي ماڻهن کي روزگار ڏنو وڃي. انهي ڪانسواءِ ريلي کي اي بي چارو، ڪرشن ميگهواڙ، دليپ پيل، لڪميچند پيل ۽ ٻين خطاب ڪيو. ريلي کي رزاق موسيپوٽي ۽ ارباب چڇر شاعري ٻڌائي.

بقايا سنڌيار 09

تحفظ جو مطالبو - پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو نوشهرو فيروز : رپورٽ منظور ملڪ محراب پور واسي پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو عائشه سومرو ۽ عبدالفتاح ناگور پرياستي پريس ڪلب پهچي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان ڪجهه ڏينهن اڳ نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪئي هئي جنهن تان اسان جا مائٽ امجد سومرو. الطاف سومرو. برڪت ۽ لال بخش سومرو منل ناگور ۽ ٻيا ڪاوڙجي پيا آهن ۽ اسان کي قتل ڪرڻ سان گڏ هٿياربندن هٿان پلاند ۾ اسان جون نياڻيون ڪڍڻ لاءِ گهرن تي حملا ڪري رهيا آهن اسان کي سنڌن مان جان جو خطرو آهي هنن چيو ته اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون خدشو آهي ته اسان کي ڪارو ڪاري ڪري قتل ڪيو ويندو هنن اعلي اختيارين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ڊي ايس پي محراب پور ايس ايڇ او محراب پور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته ڄاڻايل ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 10

ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جنهن سبب اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون. هنن اعلي' اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 11

جي پوسٽ تان ريٽائرڊ ٿيو آهيان يونيورسٽي ڏاهن پنهنجي پئسن جي حاصلات لاءِ سنڌ هائي ڪورٽ سرڪل بينچ سکر ۾ پٽيشن داخل ڪرائي هئي عدالت ٽن مهينن اندر سموري رقم ادا ڪرڻ جو يونيورسٽي انتظاميا کي حڪم ڏنو هو عدالتي ليٽر ڪٺي ڊائريڪٽر فنانس وٽ ويس جنهن 21 ڊسمبر تي سموري رقم 73 لک 88 هزار 648 روپيا ڏيڻ جو چيو هو 21 ڊسمبر تي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڊائريڪٽر فنانس وٽ ويس ته هن بد اخلاقي سان پيش ايندي رهتون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو اهڙي شڪايت ڪٺي وي سي وٽ ويس ته وي سي به بي اختياري ظاهر ڪئي آهي هاڻي مجبور ٿي هڪ ڀيرو ٻيهر ڊائريڪٽر فنانس ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارن خلاف 23 ڊسمبر تي توهين عدالت جي درخواست داخل ڪرائيندس ريٽائرڊ پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز علي جوٽيجو سنڌ جي وڏي وزير سميت اعلي اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڪيس رهتون ڏياري پريشاني کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 12

بلاجوا لوڊشيڊنگ خلاف شهرين ۾ ڪاوڙ جو اظهار گيس نه هئڻ ڪري گهريلو زندگي متاثر سردين ۾ گيس نه هئڻ ڪري رڌ بچاو لاءِ گهريلو زندگي پڻ مفلوج بڻجي وي پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ به شهري عوام سخت پريشان صبح منجهند - رات جي وقت گيس جي لوڊشيڊنگ سبب گهريلو زندگي مفلوج ٿي وي سنڌ سرڪار سميت ڪنهن به ايڪشن نه ورتو

بقايا سنڌيار 13

علائقي ۾ قائم هڪ ڀهراڙي جي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن پنهنجي محنت سان ساليناني امتحان ۾ پوزيشون حاصل ڪيون آهن جيڪو ڪريڊيٽ اسڪول جي استادن ڏانهن وڃي ٿو (وڪيل غلام رسول مهر) خبر موجب: ڏهرڪي ويجهو ڪينجهو واري علائقي ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري ڳوٺ ڪيهر ستابو مهر اسڪول ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ مهمان خاص طور تعلق بار ايسوسيئشين ڏهرڪي جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري هاءِ ڪورٽ جي وڪيل غلام رسول مهر، عبدالرزاق خان مهر ۽ هيڊ ماستر سومرو جي ڪئي جڏهن ته استادن استاد ماڻڪ. استاد عبدالباسط سومرو. استاد فاروق احمد . استاد محمد اقبال سميت شاگردن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب دوران اسڪول ۾ ساليناني امتحان ۾ پهرين، ٻين ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن منور مهر، اڄي ڪمار، نور محمد مهر ۽ ٻين کي روڪ انعام ۽ شيلڊون ڏنيون ويون. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي تعلق بار

ايسوسيئشين ڏهرڪي جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري وڪيل غلام رسول مهر چيو ته مان انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان جو ورياسي علائقي ۾ قائم هڪ ڀهراڙي جي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن پنهنجي محنت سان ساليناني امتحان ۾ پوزيشون حاصل ڪيون آهن جنهن جو ڪريڊيٽ اسڪول جي استادن ڏانهن وڃي ٿو هن چيو ته شاگردن کي گهرجي ته هو تعليم ۾ سٺي محنت ڪري پنهنجي والدين ۽ استان جو نالو روشن ڪن تعليم ذريعي سٺا عهدا ماڻي پاڪستان جي عوام جي خدمت ڪن. ان موقعي تي تعلق بار ايسوسيئشين ڏهرڪي جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري هاءِ ڪورٽ جي وڪيل غلام رسول مهر اسڪول ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ميڄا طور استادن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پڻ ڏنا. جڏهن ته تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 14

شروع ڪري ڏني,ان موقعي علائقي واسين جو ايس ايڇ او سڄل ڳوٺ گلبهار بلوچ ۽ ٽيم سان ملاقات نيڪ تمنائون جو اظهار ڪيو ۽ مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو يقين جڏهن ته ٻئي طرف ايس ايڇ او جي ٽيم چورن ۽ ڀيرون کي پڪڙڻ کي پنهنجو مقصد بڻائي ورتو آهي. روزاني جي بنياد تي عوام جي جان و مال جي حفاظت ڪري رهي آهي. علائقي جي رهواسين جي نشاندهي تي حڪمت عملي ٺاهي مدينه ڪالوني مان جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو. جنهن پنهنجي ڪيترين ئي وارداتن سان سڄي علائقي کي پريشان ڪري ڇڏيو ايس ايڇ او گلبهار بلوچ ۽ سنڌس ٽيم سان علائقي جي مختلف شهرن ملاقات ڪري سنڌن ڪوشش کي ساراهيو. ان موقعي تي ايس ايڇ او ۽ سنڌس ٽيم کي گلن جي هار پاريا ويا ۽ پٽين جي ورڪا ڪئي وئي ان موقعي تي ٻئين ڪاروباري شهرين سنڌن ٽيم لا ٻئين لک انعام ڏنيون جو اعلان ڪيو

بقايا سنڌيار 15

هدايت تفصيل موجب سکر حيدر آباد موٽر وي ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ بي گناهه گرفتار نينگر ثمير علي سولنگي ۽ سنڌس وارثن جي بلاجواز گرفتاري خلاف داخل درخواست جي سنڌ هائي ڪورٽ سکر بينچ ۾ ٻڌڻي تي ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ محفوظ اختر ۽ ايڊووڪيٽ شڪيل احمد عدالت ۾ پيش ٿي دليل ڏنا ته هنڙي ۽ ٿاروشاهه پوليس 7 ڊسمبر تي گهر تي چڙهائي ڪري نينگر ثمير علي ۽ عبدالستار کي گرفتار ڪري گم ڪيو هو عدالت جي حڪم تي نينگر ثمير علي کي آزاد ڪيو آهي وڪين جا دليل ٻڌڻ بعد عدالت الزام هيٺ آيل ايس ايڇ او هنڙي کي چند پٽيندي پڇاڻو ڪيو ته اوهان نينگر کي گرفتار ڪري ڇو گم ڪيو آهي ايس ايڇ او عدالت کي ٻڌايو ته مون تي الزام هنيو ويو آهي ملوث ناهيان جنهن ڪانپوءِ عدالت ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهرو فيروز کي نينگر ثمير علي سولنگي ۽ سنڌس گهرياتين کي سڪيورٽي فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ڊي آءِ جي حيدر آباد کي ڪيس جي جاچ ڪري رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائڻ جي هدايت ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا سنڌيار 16

اڌ مڻ بجاءِ 19 ڪلوجي تور ڪئي پئي وڃي اڌ مڻ تي هڪ ڪلو اٽو گهٽ جڏهن مڻ تي به ڪلو گهٽ ڏيڻ لڳا شهري پاران ويڊيو رڪارڊ ڪرڻ بعد فلور مالڪن جون منٿون تور پوري ڪري ڏني وئي جڏهن ته اٽو 4400 روپيا مڻ جي حساب سان اڌ مڻ جا 22سئو وٺن ٿا شهري اٽي چڪي مالڪن پاران غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽڻ جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر سميت انتظاميا اٽي چڪي مالڪن خلاف ڪاروائي نه ڪئي آهي شهري اهو به چوڻ هو ته اسلام ڪوٽ انتظاميه آفيس تائين محدود آهي.

بقايا سنڌيار 17

رکڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ پورهيت بادل بجير موجب آئون بيگناهه آهيان سبزي وڪرو ڪري ٻچن جو پيٽ پاليان ٿو پوليس مون تي منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ناانصافي ڪئي آهي ايس ايس پي نوٽس وٺي انصاف ڪري ياد رهي ته شهرين جي پڇاڳاڇا ڪرڻ تي ايس ايڇ او اهو چئي موٽائي ٿو ته منشيات ڪيس ۾ چالان ٿيندڙن جي لسٽ آءِ جي سنڌ ڪان آيل آهي شهرين موجب ايس ايڇ او خلاف مسلسل احتجاج ۽ دانهن جي باوجود سنڌس

خلاف ڪاروائي نه ٿي آهي جنهن سبب شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن.

بقايا سنڌيار 18

پرسان اسان جي ابن ڏاڏن جو بنگلو آهي، جنهن ۾ مان پنهنجي گهرياتين سان گڏ رهندو هيس، جڏهن ته گذريل 18 آگسٽ تي مان پنهنجي گهرياتين سان گڏجي ڪراچي ويس، جنهن کان پوءِ منهنجي بااثر سئوٽ پيپلز پارٽي سٽي ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻي جي نائب صدر محمد نواز شيخ سياسي زور تي ڄاڻايل بنگلي ۽ ان ۾ پيل سونن زيورن، ڪپڙن، ضروري ڪاغذن سميت ٻي سامان تي زبردستي قبضو ڪري ڇڏيو آهي، اهڙي معاملي کان پوءِ مان ايس ايس پي آفيس سميت حد جي مارڪيٽ ٿاڻي تي ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون آهن، پر هن وقت تائين ڪو به تدارڪ ناهي ڪيو ويو، جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اڳ مان بااثر سئوٽ محمد نواز شيخ جي نندي ڀاءُ فرخ شيخ سان فون تي ڳالهائيندي چيو ته بنگلي ۾ جيڪو اسان جو سامان پيل آهي، اهو اسان کي واپس ڪيو. جنهن تي هن مونکي جواب ڏنو اسان ڀاءُ سان ڳالهائي پوءِ توهان کي ٻڌائيندسين، پر هن وقت هو به اسان جي ڪائي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي، جنهن ڪري گذريل ڪيترن ئي ڏانهن کان وٽي مان پنهنجي گهرياتين سميت شهر جي هڪ مقامي هوٽل ۾ رهندو آهيان. هن چيو ته بااثر سئوٽ پ پ پ اڳواڻ محمد نواز شيخ سنڌس ملازم اسان کي بنگلي ۾ اندر داخل ٿيڻ ئي نه ٿا ڏين ۽ هنن پاران اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جن مان مون سميت منهنجي گهرياتين کي جان جو خطرو پڻ آهي. هن پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي زير سيد مراد علي شاهه، آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو، ايس ايس پي لاڙڪاڻو سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر سئوٽ خلاف ڪاروائي ڪري بنگلي ۽ گهريلو سامان مٿان ٿيل قبضو ختم ڪرائڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 19

ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن شهيد بينظيرآباد نادر ابڙو، ريجنل اليڪشن ڪمشنر شهيد بينظيرآباد سيد نديم حيدر شاهه، ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊيولپمينٽ نسيم حسن مستوئي ۽ ٻين چيو ته اڄ ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي حقن جو قومي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي جنهن جو مقصد انهن عورتن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي هنن وڌيڪ چيو ته حڪومت پاران سرڪاري توڙي نجي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي حراسان ڪرڻ جي روڪ ٿام سميت عورتن جي ڀلائي ۽ سنڌن حقن لاءِ قانون سازي ڪئي وئي آهي جنهن مان عورتن کي ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي هنن وڌيڪ چيو ته هي سيمينار منعقد ڪرڻ جو مقصد عورتن کي پنهنجي حقن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ آهي ته جئين هو اڳتي وڌي معاشري ۾ برابري جي بنياد تي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن مقررين وڌيڪ چيو ته شهري علائقن سميت ڀهراڙي وارن علائقن ۾ اهڙا آگاهي پروگرام منعقد ٿيڻ گهرجن چاڪاڻ ته ڀهراڙي جي عورتن کي پنهنجي حقن بابت ڄاڻ نه هئڻ ڪري هو اڄ به ظلم جي چڪي ۾ پيسيجي رهيون آهن هنن عورتن کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي جائز مسئلي لاءِ عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي آفيس يا کاتي پاران قائم مفت هيلپ لائن تي رابطو ڪري مفت قانوني مدد حاصل ڪن ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر پرويزاحمد ڪلوڙ چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تحت عورتن جي قومي ڏهاڙي جي موقعي تي هي آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي هن سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر خالده عمر آرائين،پرنسپل گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج قرت العين شيخ، گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ڪورٽ روڊ جي هيڊ مسٽريش شبانه ناز صديقي،ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفئير غلام محمد سهتو، فرحانه ارم ،سينئير صحافي محمد انور شيخ،اي ڪي ڏاهري ، وڪيل امتياز چانڊيو سميت ٻين اڳواڻن سيمينار کي خطاب ڪيو.سيمينار ۾ تعليم،صحت، پوليس سميت ٻين کاتن ۾ ڪم عورتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 20

ڪارڪردگيءَ رپورٽون پڻ پيش ڪندا، بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ برانچن کي انعام پڻ ڏنا

ويندا، جڏهن ته ڪنوينشن جي آخر ۾ جماعت اصلاح المسلمين ضلعي لاڙڪاڻي جي نئين سال 2023 جي بادي جي سليڪشن پڻ ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 21

خراب ٿي وڃي ٿي بار بار دورا پون ٿا ان کي سنڀالڻ به مشڪل ٿي وئي آهي هن وزيراعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ ايس ايس پي ايسٽ ,ڊي ايس پي سهراب ڳوٺ ,ايس ايڇ او سهراب ڳوٺ کان مطالبو ڪيو ته معصوم نينگري جي ڳولا ۾ اسان جي مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 22

جو فصل پوکي تيار ڪيو آهي جيڪو هن وقت مارڪيٽ ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪراچي حيدرآباد لاهور پنڊي پشاور ڪوئيٽا ۽ بدين جي واپارين ٽماٽي جو اگهه ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهن ڪري مهينو اڳ 250 روپيا ڪلو وڪرو ٿيندڙ ٽماٽو هن وقت بازارن ۾ گاڏن تي 20 روپيا ڪلو وڪامي رهيو آهي جڏهن ته منڊي ۾ آبادگارن کان ان کان به گهٽ اگهه تي ٽماٽو خريد ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري ڪين سخت نقصان رسي رهيو آهي ان سلسلي ۾ آبادگار اڳواڻن حاجي محمد رحيم اديجو سليم ميمڻ سخاوت بلوچ گل حسن هنگورجو ٻڌايو ته بدين ۾ واپارين هڪ هٿي قائم ڪري ٽماٽي جو اگهه ڪيرائي ڇڏيو آهي جنهنڪري آبادگارن طرفان کيل پوکي جو خرچ ته نڪو نڪري پر فارم کان منڊي تي ٽماٽو پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو خرچ به نڪو نڪري هنن چيو ته آبادگارن جي حڪومتي سرپرستي نه هجڻ سبب بدين جي آبادگارن جو ايندڙ هر فصل ماري ڪنيو پيو وڃي جنهن ڪري هاري ۽ آبادگار طبقو قرضي ٿي ويو آهي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته بدين جي برسات ۽ سيلابي ٻوڏ جي ستايل آبادگارن ۽ هارين کي واپارين جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران سنڌن مالڪي ڪري ڊيساور ۾ ٽماٽو موڪلي نانو ڪمائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي ته جيئن غريب آبادگار سک جو ساهه کڻڻ هنن چيو ته سنڌ حڪومت طرفان آبادگارن جي مالڪي نه ڪرڻ جي ڪري هر سال سنڌ جي سڀ کان وڏي ٽماٽا منڊي جي آبادگارن کي ڪروڙين روپين جو نقصان پهچي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 23

ٽي ڦورون پاران ڦر دوران آئل ٽينڪر نه روڪڻ تي سيڌي فائرنگ ڪري ڏني گولي لڳڻ سبب آئل ٽينڪر ڊرائيور 20 سالن جو نوجوان شعيب الدين ولد مشتاق احمد مغل سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي وات ويندڙ ڪٺائي مورو اسپتال آندو جتي ڊاڪٽر پاران فرسٽ ايڊ ڏيڻ ڪانپوءِ زخمي کي سيني ۾ گولي ڦاٽل هجڻ جي ڪري نازڪ حالت ۾ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو زخمي ڊرائيور آزاد ڪشمير جي علائقي نيلم وادي جو رهاڪو آهي جيڪو ڪراچي کان لاهور پي ويو هئي پاسي اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي مورو امداد سولنگي فورن اسپتال پهچي زخمي ڊرائيور کان تفصيل ورتا ۽ ايس ايڇ او مورو مقصود رضا مگسي ۽ ايس ايڇ او درس عبدالمنعيم لاڙڪ سان گڏجي جاءِ واردات تي پهچي علائقي جي ناڪابندي ڪري پيري جي مدد سان چورن جا پيرا ڪنيا ويا.

بقايا سنڌيار 24

برادري جي بااثر جي چرچ تي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي پوليس اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ ٻارڙن کي تشدد جو نشانو بڻائي هلي وئي، پوليس طرفان بااثر سان ٻٽ هجڻ سبب اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، هنن اعلي' اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بااثرن ۽ پوليس خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 25

پٽ عرفان تي تشدد ڪري زخمي ڪري ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيا آهن، اسان پٽي ڪالوني ۾ ڪرائي جي جڳهه ورتي آهي جنهن جي ماهوار مسواڙ به پٽ عرفان ڏئي ٿو جنهن تي پٽ جي سالن قبضو ڪري ڇڏيو آهي، هنن چيو ته پٽ ساڍا 3 لک روپيا پڻ سالن کي ڏئي چڪو آهي، هنن چيو ته بااثر آهن جنهن ڪري سنڌن خلاف ڪير ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي نوجوان ڌيئرن سان گڏ سڄي رات کليل آسمان هيٺ گذاري آهي، دادو اي سيڪشن پوليس زمان لغاري، عامر لغاري،افضل لغاري خلاف ڪاروائي ڪرڻ بدران اسان کي واپس ڪري ڇڏيو آهي،مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري طور گهر تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ ڏئي پٽ مٿان تشدد

ڪندڙ خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 26

ڳالهائيندي چيو ته ڪراچي سنڌ جي راڄڌاني آهي. تنهنڪري ڪراچي جي سمورن ادارن تي بنيادي حق سنڌين جو آهي. پر ڪورنگي جي ڪمپنين ۾ سنڌي ماڻهن کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي جيڪا سنڌي ماڻهن سان زيادتي آهي. جڏهن ته ڪورنگي جي بلاول ڪالوني، چڪرا ڳوٺ، گلستان ملير، جمعا ڳوٺ، مهراڻ ٽائون ۽ ٻين علائقن ۾ صفائي سترائي، سيوريج نظام ۽ ٻين ترقياتي ڪمن ۾ مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي جيڪا مڪمل ناانصافي آهي. هنن چيو ته جيڪڏهن سمورا مسئلا اوليت جي بنياد تي حل نه ڪيا ويا ته سخت احتجاج ڪيو ويندو. ان موقعي تي ڊي سي وفد کي يقين ڏياريو ته سمورا مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪيا ويندا.

بقايا سنڌيار 27

هن وڌيڪ چيو ته سکر ۾ سوين استادن کي من پسند طريقي سان ڀرتي ڪيو ويو آهي. اينٽي ڪرپشن سکر جي اختيارين کي شڪايت ڪرڻ باوجود اهي به تعليم کاتي جي آفيسرن سان ملي ويا آهن. جنهن ڪري انڪوائري کي سرد خاني ۾ رکيو آهي، هن صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس ورتو وڃي ۽ سکر ۾ ڪيل استادن جي ڀرتي ۾ ڪرپشن جي انڪوائري ڪري ملوث ماڻهن کي سزائون ڏئي سکر واسين کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 28

بينظير ڀٽو جي ورسي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ هڪ وڏي ۽ عاليشان جلسي جون تياريون زور شور سان جاري ان حوالي سان پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي نئون ديرو جو صدر سيد ارشد علي شاهه راشدي، جنرل سيڪريٽري محمد انور ٻرڙو، انفارميشن سيڪريٽري سرفراز علي ميراڻي نئون ديرو ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي گذريل ٽن ڏينهن کان ٿيڻ واري پارٽي اجلاسن ۾ پارٽي ورڪرن کي هدايت ڪندي چيو ته ورسي ۾ ڀرپور نموني عوامي شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سرگرم آهيون هنن جو چوڻ هيو ته عمران خان سوڙهي گهٽي ۾ ڦاسي چڪو آهي ۽ ملڪ جي اهم سياستدانن کي چور ۽ ڪرپٽ چوڻ وارو هاڻي عوام جي سامهون پاڻ چور ۽ ڪرپٽ ثابت ٿيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي ليڊرن پنهنجي ملڪي عوام جي خاطر رت نڇاور ڪئي آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي کي آمر جنرل ضياالحق ۽ جنرل پرويز مشرف ختم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر پاڪستان پيپلز پارٽي اڄ به قائم ۽ دائم آهي هنن وڌيڪ چيو ته وزير خارجه ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمن بلاول ڀٽو زرداري ملڪ ۾ سيلاب جي صورتحال جي حوالي سان بهتر ڪم ڪري ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪيا ۽ انڊيا جي وزيراعظم نريندر مودي کي مسلمانن جو ڪاسائي چئي ڪري پوري دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي آهي .هن جي بيان کان پوءِ انتهاپسند تنظيم (بي جي پي) پريشان آهي .هنن چيو ته 27ڊسمبر تي محترمه بي نظيرڀٽو جي ورسي تي هڪ وڏو عاليشان پروقار جلسو ٿيندو جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي، صوبائي ,ڊويزن,ضلعي اڳواڻ هن تاريخي جلسي کي خطاب ڪندا.

بقايا سنڌيار 29

رکيا وڃن پي آءِ بي ميٽرنٽي هوم اسپتال جي مشينري ٺيڪ ڪئي وڃي ڊي ايم سي ايسٽ تي طبي سهولتن جي فراهمي کي بهتر بڻايو ويندو: سيد شڪيل احمد ڊي ايم سي ايسٽ جي ايڊمنسٽريٽر سيد شڪيل احمد چيو آهي ته هو اوير ضلعي ۾ هر سطح تي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندا. مهانگائي جي هن دور ۾ عوام کي سستي طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سرڪاري ميڊيڪل سينٽرز کي فعال بڻايو ويندو. ڊي ايم سي ايسٽ جا طبي مرڪز سهولتن سان ليس هوندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ميونسپل ڪمشنر فهيم خان ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ پي آءِ بي ميٽرنٽي هوم اسپتال جي معائني دوران ڪيو.انسپيڪشن دوران هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عمارت کي صاف ڪيو وڃي ۽ خراب ٿيل مشينري کي فوري طور تي درست ڪيو وڃي. ڊي ايم سي ايسٽ جي ميڊيڪل سينٽرن کي فعال ۽ سهولتن سان آراسته ڪيو وڃي. هن چيو ته ڊي ايم سي ايسٽ جي ميڊيڪل سينٽرن کي سهولتن جو مرڪز بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا ته جيئن عوام ان مان

ڀرپور فائدو وٺي سگهي، صحت عوام جي بنيادي ضرورت آهي، جنهن سان عوام کي فائدو ٿيندو.ان موقعي تي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر مبين شيخ، سلمان ميمڻ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر امتياز ڀٽو، جمال عباس، چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر زرتاش پروين ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 30

جوابدارن ۾ قربان ملاح امجد ملاح حميد دلبر شريف وحيد بروهي سليم ڪوسو رفيق قمبراڻي گلشير نائچ نديم ملڪ شامل آهن 2ڏينهن اڳ ڳوٺ پائي خان ملاح ۾ پورهيت محمد صديق ملاح جي گهر مان نامعلوم جوابدارن پاران مال چوري ڪري ڪاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ مزاحمت دورن پاڳين مٿان فائرنگ جي واقعي جو ڳوٺاڻن جو بدامني ۽ ڪڪڙ پوليس جي نااهلي خلاف خانپور جوٽيجو ۾ انڊس هاءِوي روڊ تي احتجاج ۽ ڌرڻو هنيو ويو هو ڪيس داخل ڪرڻ بعد ڪڪڙ پوليس اڃا تائين ڪا گرفتاري عمل ۾ ن آئي آهي

بقايا سنڌيار 31

منافعي خور دڪاندارن کي معاف نه ڪيو ويندو. دڪاندار مارڪيٽ ڪميٽي پاران ڏنل سرڪاري لسٽ تي عمل ڪن. ان موقعي تي چيف ميونسپل آفيسر عمران علي ميمڻ، پرائس ڪنٽرول انچارج فهيم ملڪ اعجاز احمد ڪورائي، محرم زرداري,ساٿس گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 32

جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي ضلعي امير مير محمد بليدي ڳالهائيندي چيو ته جماعت اسلامي هميشه ڏکي وقت ۾ مستحق ماڻهن جي مدد ڪئي آهي.الخدمت فائونڊيشن هر وقت ٿر جي جهرجهنگ ۾ پهچي مارو ئڙن جي خدمت ڪري رهي آهي،ڪولهي پاڙي جي باهه متاثر خاندانن ۾ گرم بسترا ۽ ڪمبل ورهايا آهن ته جيئن سردي جي موسم دوران انهن جون مشڪلاتون گهٽائي سگهجن.هنن چيو ته جماعت اسلامي بناڪنهن مت ڀيد جي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي.مشڪل گهڙي ۾ گهيريل انسانيت جي خدمت پهرين ترجيح آهي.انهيءَ موقعي تي جماعت اسلامي اسلام ڪوٽ جو امير شاهنواز خاصخيلي,ضلعي جنرل سيڪريٽري عبدالباسط چارو پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 33

وچيو ته اسان سال 2021ع دوران آءِ بي اي ذريعي پي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏني هئي، جنهن ۾ 1500 جي لڳ ڀڳ اميدوار پاس ٿياسين، پر افسوس جو هن وقت تائين تعليم کاتي پاران اسان کي آفر آرڊر ناهن ڏنا ويا، جنهن سبب گهرياتين سميت فاقاڪشي ڪاٽڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون. هنن چيو ته سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ ٽي فيز ۾ 50 مارڪن کان گهٽ مارڪون کڻڻ وارا آرڊر حاصل ڪري چڪا آهن، پر لاڙڪاڻي تعلقي وارا 55 تي فاتل آهن. جڏهن ته هيڏن سالن ۾ ڪافي استاد رٽائرڊ ٿيا آهن، ڪجهه وفات ڪري ويا چڪا آهن ۽ ڪجهه اپگريڊ ٿيا ويا آهن، پر صحيح سيٽيون ظاهر نه ڪيون ويون آهن، جڏهن ته ڪجهه هاڻي اميدوارن پي ايس ٽي ڇڏي جي اي ايس ٽي وتي آهي، پوءِ به سيٽيون پهرين فيز وانگر 55 تي فاتل آهن، جيڪا اميدوارن سان سراسر ناانصافي آهي. هنن پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اسان 40 پلس وارن اميدوارن کي پي ايس ٽي جا آرڊر ڏئي روزگار سان لڳائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

تلهار ۽ راڄوخاناڻي ٽائون جي 16 يونين ڪائونسل جي عهديدارن، ورڪرن، ليڊيز ونگ، يوٿ ونگ، جيالين جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پ پ ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر، ضلعي بدين جي صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو، تعلقي تلهار جي صدر نياز احمد لاشاري، مرزو خان دلاواڻي، مير عرفان ٽالپر، پير محفوظ الاهي، گل محمد سريوال، امير حيدر خواجه، باغي امداد نظاماڻي، فرزانا جتوئي ,شرف النسا جوٽيجو، حميد گوپانگ،نور جهان دلواڻي، مير اڪرم ٽالپر ۽ ٻين شرڪت ڪئي، اجلاس کي خطاب ڪندي ايم پي اي حاجي مير الله بخش ٽالپر ۽ ضلعي صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو جيو ته 27 ڊسمبر تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو کي خراج عقيدت ۽ خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تعلقي تلهار سميت پوري ضلعي بدين مان هزارين ورڪر، جيالا، جياليون ورسي ۾ شريڪ ٿينديون.